Reg No 2677
ABC Certified
روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
ڪراچي
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8 www.dailysindhyar.com

قيمت 10 روپيا	شمارو:48	اڱارو 28 نومبر 2023 ع بمطابق 13 جمادي الاول 1445هه	جلد :12

سکر ۽ لاڙڪاڻي ۾ دريائي علائقن ۾ ڌاڙيلن جي خاتمي لاءِ ڪا به اڳيرائي نه ٿي آهي : مقبول باقر

ڪراچي ۽ حيدرآباد خاص ڪري اسٽريٽ ڪرائم وڌي ويو آهي :نگران وڏو وزير

چاهيان ٿو ته ڪراچي ۾ اسٽريٽ ڪرائم جي شرح ٻڙي تائين آڻڻ لاءِ پوليس مناسب قدم کڻي ته جيئن شهر جو هر ماڻهو پاڻ کي محفوظ تصور ڪري

پوليس جو بنيادي ڪم شهرين جي جان ۽ مال جو تحفظ ڪرڻ آهي ، ڊپارٽمينٽ ۾ ڪاري رڍن کي پڪڙيو وڃي جيڪي عام طور پوليس ۽ خاص ڪري صوبائي حڪومت جي نالي کي بدنام ڪن پيا

ڊپارٽمينٽ ۾ ڪاري رڍن کي پڪڙيو وڃي جيڪي عام طور پوليس ۽ خاص ڪري صوبائي حڪومت جي نالي کي بدنام ڪن پيا

اغوا جي 229 ڪيسن مان 44 جو تعلق ڪراچي، 3 جو حيدرآباد، هڪ شهيد بينظير آباد، 45 جو سکر ۽ 136 جو لاڙڪاڻي سان تعلق آهي : نگران وڏي وزير کي بريفنگ

حڪمت عملي ۽ ٽارگيٽيڊ آپريشنز سبب پڪنگ عيوض اغوا ۽ اسٽريٽ ڪرائم جي واقعن تي ڏيان ڏيڻ تي 90 سيڪڙو گهٽتائي آئي آهي : آءِ جي سنڌ

اڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر صوبي ۾ امن امان جي مجموعي صورتحال جو جائزو وٺندي چيو آهي ته ڪراچي ۽ حيدرآباد خاص ڪري اسٽريٽ ڪرائم وڌي ويو آهي جڏهن ته سکر ۽ لاڙڪاڻي ۾ دريائي علائقن ۾ ڌاڙيلن جي خاتمي لاءِ ڪا به اڳيرائي نه ٿي آهي. هن چيو ته چاهيان ٿو ته ڪراچي ۾ اسٽريٽ ڪرائم جي شرح ٻڙي تائين آڻڻ لاءِ پوليس مناسب قدم کڻي ته جيئن شهر جو هر ماڻهو پاڻ کي محفوظ تصور ڪري. هن وڌيڪ چيو ته پوليس جو بنيادي ڪم شهرين جي جان ۽ مال جو تحفظ ڪرڻ آهي. جسٽس باقر پوليس کي اها پڻ هدايت ڪئي ته ڪين ڊپارٽمينٽ ۾ ڪاري/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

Inauguration Ceremony of
Dr. Syedna Mufaddal Saifuddin Building
School Of Law
niversity of Ka

ڪراچي: جامعه ڪراچي سيدنا مفضل سيف الدين جي نالي سان منسوب اسڪول جي افتتاحي تقريب کي سنڌ جو نگران وڏو وزير جسٽس (ر) مقبول باقر خطاب ڪندي

خيبرپختونخواهه جي علائقي بنون ۾ 26 نومبر تي آپگهاتي ڌماڪي ۾ افغان شهري ملوث نڪتو

بنون ۾ سيڪيورٽي فورسز جي قافلي تي آپگهاتي حملو، 2 شهري شهيد، 3 فوجين سميت 10 ڄڻا زخمي

موٽر سائيڪل سوار آپگهاتي بمبار بنون ضلعي جي اهم علائقي بڪ خيل ۾ سيڪيورٽي فورسز جي قافلي ويجهو پاڻ کي ڌماڪي سان اڏائي ڇڏيو

نتيجي ۾ 2 شهري شهيد، 7 زخمي ٿي پيا، جڏهن ته 3 فوجي جوان به حملي ۾ زخمي ٿيا آهن. خيبرپختونخواهه جي علائقي بنون ۾ 26 نومبر تي آپگهاتي ڌماڪي ۾ افغان شهري ملوث نڪتو

آپگهاتي بمبار جي سڃاڻپ افغان شهري جي طور تي آهي جيڪو حافظ گل بهادر گروپ ۾ شامل هو. دهشتگرد جو نالو رابن الله ولد خانور گل جڏهن ته ان جو تذڪره نمبر 08916164 آهي

علائقي ۾ موجود ٻين دهشتگردن جي خاتمي لاءِ آپريشن جاري آهي. پاڪستان جي سيڪيورٽي فورسز دهشتگردي جي لعنت ختم ڪرڻ جي لاءِ پرعزم آهي : آءِ ايس پي آر

يراولپنڊي (م د) بنون ۾ سيڪيورٽي فورسز جي قافلي تي آپگهاتي حملي ۾ 2 شهري شهيد جڏهن ته 3 فوجين سميت 10 ڄڻا زخمي ٿي پيا آهن. آءِ ايس پي آر طرفان جاري ڪيل بيان موجب 26 نومبر تي موٽر سائيڪل سوار آپگهاتي بمبار بنون ضلعي جي اهم علائقي بڪ خيل ۾ سيڪيورٽي فورسز جي قافلي ويجهو پاڻ کي ڌماڪي سان اڏائي ڇڏيو جنهن جي نتيجي ۾ 2 شهري شهيد./بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

عمران خان کي سزا ٻڌائيندڙ همايون دلاور اسپيشل جج سينٽرل 2 مقرر

جج همايون دلاور جي مقرري جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو. ڪيس 3 سالن لاءِ اسپيشل جج سينٽرل مقرر ڪيو ويو

اسپيشل جج سينٽرل 2 لاءِ عدالتي ڪمرو جديشل ڪامپليڪس ۾ تيار ڪيو ويو آهي : ذريعا

همايون دلاور ايف آءِ اي ۽ سائبر ڪرائم بابت ڪيسن جي ٻڌڻي ڪندو

اسلام آباد (م د) اڳوڻي وزيراعظم عمران خان کي توشه خانه ڪيس ۾ سزا ٻڌائيندڙ جج همايون دلاور کي اسلام آباد ۾ اسپيشل جج سينٽرل 2 طور مقرر ڪيو ويو آهي. جج همايون دلاور جي مقرري جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

فورسز ۽ شهرين تي حملو ڪندڙ دهشتگرد ڪنهن به رعايت جا مستحق نه آهن: سرفراز بگٽي

شهيدن جي گهرڀاتين سان ڏک جي هن گهڙي ۾ برابر جا شريڪ آهيون

زخمي سيڪيورٽي اهلڪارن ۽ شهرين جي جلد صحتيابي جي لاءِ دعاگو آهيون

سيڪيورٽي فورسز دهشتگردي جي مڪمل خاتمي لاءِ پرعزم آهي

اسلام آباد (م د) نگران گهرو وزير سرفراز احمد بگٽي بنون ۾ سيڪيورٽي فورسز جي گاڏي تي آپگهاتي حملي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

انٽر بئنڪ ۾ ڊالر جي
قيمت ۾ هڪ ڀيرو
ٻيهر واڌ رڪارڊ

ڪراچي (م د) انٽر بئنڪ ۾ ڊالر جي قيمت ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر واڌ رڪارڊ ڪئي پئي وڃي. اڄ به انٽر/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

راولپنڊي: سي پي او سيد خالد همداني الوداعي تقريب ۾ پوليس آفيسرن سان ملاقات ڪندي

علي زيدي اشتهاري قرار، 9 مئي جي واقعن جي مذمت ڪيان ٿو: حليم عادل شيخ

پي ٽي آءِ اڳواڻ حسان نيازي کي فرار ڪرائڻ واري ڪيس ۾ حليم عادل شيخ ۽ ٻيا جوابدار عدالت ۾ پيش ٿيا

عدالت حليم عادل شيخ تي فرد جرم لاڳو ڪرڻ لاءِ 9 ڊسمبر جي تاريخ مقرر ڪري ڇڏي

چيف جسٽس قاضي فائز مان اميدون آهن. اسان ادارن سان گڏ آهيون. ايندڙ اليڪشن ۾ سڄي سنڌ جي سمورن تڪن تي اميدوار بيهاريا ويندا

ڪراچي (رپورٽر) پي ٽي آءِ اڳواڻ حسان نيازي کي فرار ڪرائڻ واري ڪيس ۾ حليم عادل شيخ ۽ ٻيا جوابدار عدالت ۾ پيش ٿيا.پي ٽي آءِ اڳواڻ راجا اظهر کي سرڪاري ڪم ۾ مداخلت واري ڪيس ۾ عدالت آڏو پيش ڪيو ويو.عدالت استحڪام پاڪستان پارٽي جي اڳواڻ علي زيدي کي اشتهاري قرار ڏئي ڇڏيو. عدالت جاچ آفيسر کان جوابدار جي ملڪيت جا تفصيل به طلب ڪري ورتا. عدالت حليم عادل شيخ تي فرد جرم لاڳو ڪرڻ لاءِ 9 ڊسمبر جي تاريخ مقرر ڪري ڇڏي.حليم عادل شيخ جو چوڻ هو ته جسٽس مقبول باقر کي رول ماڊل هجڻ گهرجي. 9 مئي جي واقعن جي مذمت ڪيا ٿو.ميڊيا سان ڳالهائيندي /بقايا پڙهو صفحو2 نمبر12

ڪراچي: حليم عادل شيخ عدالت ۾ پيشي ڪانپوءِ ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

حسان نيازي کي فرار ڪرائڻ جو ڪيس: عدالت علي زيدي کي اشتهاري قرار ڏئي ڇڏيو

عدالت آڏو پيشي لاءِ آندل پي ٽي آءِ اڳواڻ حسان نيازي کي فرار ڪرائڻ بابت درخواست جي ٻڌڻي ٿي

عدالت جاچ آفيسر کي جوابدار جي قانوني ۽ غيرقانوني ملڪيت جا تفصيل به طلب ڪري ورتا

جوڊيشل مئجسٽريٽ علي زيدي کي اشتهاري قرار ڏيندي سنڌس خاڪا لڳائڻ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو

ڪراچي (م د) ڪراچي جي عدالت حسان نيازي کي فرار ڪرائڻ جي ڪيس ۾ استحڪام پارٽي جي اڳواڻ علي زيدي کي اشتهاري قرار ڏئي ڇڏيو آهي. ڪراچي جي سٽي ڪورٽ ۾ جوڊيشل مئجسٽريٽ جنوبي جي عدالت جي آڏو پيشي لاءِ آندل پي ٽي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

عارضي جنگبندي جو ٽيون ڏينهن: حماس 13 اسرائيلين ۽ 7 پرڏيهي يرغمالين کي آزاد ڪري ڇڏيو

آزاد ڪيل سمورا ماڻهو مصر روانا ٿي ويا . اسرائيلي اختيارين يرغمالين جي آزادي جي تصديق ڪري ڇڏي

13 اسرائيلي يرغمالين ۾ ٻٽي شهرت رکندڙ چئن سالن جي آمريڪي ٻارڙي سميت 9 ٻار ۽ 4 عورتون شامل

غزه (م د)حماس طرفان غزه ۾ جاري چئن ڏينهن جي عارضي جنگبندي جي ٽئين ڏينهن معاهدي جي تحت 13 اسرائيلين ۽ 7 پرڏيهي يرغمالين کي آزاد ڪري ڇڏيو. آزاد ڪيل سمورا ماڻهو مصر روانا ٿي ويا آهن. اسرائيلي اختيارين يرغمالين/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

فواد چوڌري کي جيل ۾ گهروارن سان نويڪلائي ۾ ملاقات ڪرڻ جي اجازت

فواد چوڌري جي جيل ۾ سهوليتن وڪيلن ۽ گهرڀاتين سان ملاقات جي اجازت جي درخواست تي ٻڌڻي ٿي

عدالتي حڪم تي چيف ڪمشنر اسلام آباد، ڪيپٽن(ر) انوارالحق عدالت ۾ پيش ٿيو ۽ درخواست تي عمل ڪرڻ واري رپورٽ جمع ڪرائي ڇڏي

عدالت فواد چوڌري کي گهرواري سان جيل ۾ نويڪلائي ۾ ملاقات ڪرائڻ جي اجازت ڏني

اسلام آباد (م د) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ اڳوڻي وفاقي وزير فواد چوڌري کي جيل ۾ گهر وارن سان نويڪلائي ۾ ملاقات ڪرڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ڪراچي ۾ ٻارن کي
پوليو جا ڦڙا پيارڻ واري
مهم جي شروعات

ڪراچي (رپورٽر) شروع ٿيڻ واري (نومبر 2023NIDs) ذڪڻ ڪراچي جي مختلف اسڪولن/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

ڪراچي: پ پ سنڌ جو صدر سينيٽر نثار کهڙو پريس ڪانفرنس ڪندي

اڳوڻي ايم اين اي احسان الرحمان مزاري خلاف ڪيس داخل

احسان مزاري جي چرچ تي هٿياربندن پوليس چيڪ پوسٽ انچارج تي فائرنگ ڪئي پوليس

هٿياربندن جي حملي ۾ پوليس چيڪ پوسٽ جو انچارج لڪمير اوڏ زخمي ٿي پيو هو. اهڙو ڪيس ڪشمور پوليس پاران داخل ڪيو ويو آهي

ڪشمور (رپورٽر) ڪشمور پوليس پاران اڳوڻي ايم اين اي احسان الرحمان زماري خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو. پوليس جو چوڻ آهي ته احسان مزاري جي چرچ تي هٿياربندن پوليس چيڪ پوسٽ انچارج تي فائرنگ ڪئي. هٿياربندن جي حملي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

اسلام آباد: صدر ڊاڪٽر عارف علوي سان ميجر جنرل رٽائرڊ سهيل احمد خان ملاقات ڪندي

شهزاد اڪبر لنڊن ۾ مبينه تيزاب حملي ۾ زخمي

مون تي اڻڄاتل ماڻهن تيزاب سان حملو ڪيو : شهزاد اڪبر

پوليس ۽ ايمرجنسي سروسز وقت تي پهچي ويون هيون

لنڊن (م د) تحريڪ انصاف جي دور ۾ وزيراعظم عمران خان جي خاص مددگار شهزاد اڪبر چيو آهي ته مون تي اڻڄاتل ماڻهن تيزاب سان حملو ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

نگران وزيراعظم کي عهدي تان هٽائڻ جي درخواست ٻڌڻ جوڳي آهي يا نه؟ لاهور هاءِ ڪورٽ فيصلو محفوظ ڪري ورتو

جسٽس شاهد بلال حسن نگران وزيراعظم کي عهدي تان هٽائڻ جي داخل ڪيل درخواست تي ٻڌڻي ڪئي

نگران وزيراعظم جي مقرري 90 ڏينهن مڪمل ٿيڻ کان پوءِ غير موثر ٿي چڪي آهي : درخواستگذار

لاهور (م د) لاهور هاءِ ڪورٽ نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ کي عهدي تان هٽائڻ لاءِ داخل ڪيل درخواست جي ٻڌڻ جوڳي هجڻ يا نه هجڻ تي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

پاڪستان بار ڪائونسل جو سنڌ هاءِ ڪورٽ خلاف ڪارروائي جو مطالبو

پاڪستان بار جي فيصلن خلاف سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪيس ٻڌي رهي آهي : بار ڪائونسل

هاءِ ڪورٽ پاڪستان بار ڪائونسل جي فيصلن جو جائزو نٿي وٺي سگهي

اسلام آباد (م د) پاڪستان بار ڪائونسل چيف جسٽس آف پاڪستان قاضي فائز عيسيٰ کان سنڌ هاءِ ڪورٽ خلاف ڪارروائي جو مطالبو ڪري/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

گورنر سنڌ ٻارن پوليو جا ڦڙا پيارڻ واري مهم جو افتتاح

مهم کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ سمورا اسٽيڪ هولڊر سهڪار جي فراهمي کي يقيني بڻائن : ڪامران ٽيسوري

پوليو هڪ موذي مرض آهي جيڪو ٻارن جي زندگي کي معذور بڻائي ٿو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري پوليو مهم جو افتتاح ڪري ڇڏيو گورنر سنڌ گورنر هائوس ۾ پنجن سالن تائين جي ٻارن/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ڪراچي: گورنر سنڌ ڪامران ٽيسوري ٻارڙ کي پوليو جا قطرا پياري مهم جو افتتاح ڪندي

پهرين ڊسمبر کان پيٽروليم شين جي اگهن ۾ وڏي لاٿ جو امڪان

عالمي مارڪيٽ ۾ ڪچي تيل جي اگهن ۾ وڌيڪ لاٿ رڪارڊ ڪئي وئي

روسي تيل جي في بيرل قيمت 60 ڊالرن کان به هيٺ اچي وئي

اسلام آباد (م د) ملڪ ۾ پهرين ڊسمبر کان پيٽروليم شين جي اگهن ۾ وڏي لاٿ جو امڪان آهي عالمي مارڪيٽ ۾ ڪچي تيل جي اگهن ۾/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ڪراچي ۾ وڌيڪ برساتن جي اڳڪٿي

شهر جو گهٽ کان گهٽ پارو 18.4 ڊگري سينٽي گريڊ رڪارڊ ڪيو ويو

ڪراچي ۾ تازي برسات ڪانپوءِ ٿڌ جي لهر وڌي وئي، موسميات کاتي

ڪراچي (م د) موسميات کاتي ڪراچي ۾ برسات جا وڌيڪ اسپيل اچڻ جي اڳڪٿي ڪري ڇڏي. ڪراچي ۾ تازي برسات ڪانپوءِ ٿڌ جي لهر وڌي وئي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

چوپائي مال کي ڪانگو وائرس کان بچاءَ لاءِ اينٽي پيرسٽڪ انجيڪشن لڳائي پئي وڃي: ڊاڪٽر دودو

مالوندڙ ماڻهن کي آگاهي پڻ ڏني پئي وڃي: ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ ٿرپارڪر

ڪانگو وائرس بابت 33 ڳوٺن ۾ آگاهي سيشن منعقد ڪيا ويا آهن

ڪراچي (رپورٽر) ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ ٿرپارڪر ڊاڪٽر دودو چانڊيو چيو آهي ته لائيو اسٽاڪ ٿرپارڪر کاتي پاران ٿرپارڪر ۾ چوپائي مال کي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

طورخم بارڊر تي افغانستان ويندڙ مسافرن کان هزارين آمريڪي ڊالر برآمد

ڪسٽم انفورسمينٽ اختيارين 10 هزار آمريڪي ڊالرن جي سمگلنگ ناڪام بڻائي ڇڏي

مسافرن کان تلاشي دوران 10 هزار ڊالر برآمد ڪري خيبر ضلعي واسي جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو

اسلام آباد (م د) خورطم بارڊر تي ڪسٽم انفورسمينٽ اختيارين 10 هزار آمريڪي ڊالرن جي سمگلنگ ناڪام بڻائي ڇڏي. پاڪ افغان طورخم/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

چيئرمين ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن حسين آباد وضاحتي بيان جاري ڪري ڇڏيو

اسلاميه ماڊرن هاءِ اسڪول ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن حسين آباد جو حصو آهي : عمير چانڊيو

ميونسپل اسڪول کي بهتر بڻائڻ لاءِ ڪوشش ڪري رهيا آهيون. ٽائون حسين آباد نئون آهي

حيدرآباد (رپورٽر) گورنمنٽ اسلاميه ماڊرن هاءِ اسڪول واري معاملي تي چيئرمين ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن حسين آباد عمير مولابخش/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

القادر ٽرسٽ ۽ 190 ملين پائونڊ ڪيس ۾ عمران خان جي وڌيڪ جسماني ريمانڊ جي اپيل رد

احتساب عدالت اڏيالا جيل ۾ پي ٽي آءِ چيئرمين خلاف القادر پراپرٽي ٽرسٽ ۽ 190 ملين پائونڊ ڪرپشن ڪيس ۾ نيب ريفرنس تي ٻڌڻي ڪئي

نيب ٽيم عدالت کي پي ٽي آءِ چيئرمين کان 23 کان 26 نومبر تائين ڪيل جاچ کان آگاهه ڪيو

راولپنڊي (م د) احتساب عدالت القادر پراپرٽي ٽرسٽ ۽ 190 ملين پائونڊ ڪرپشن ڪيس ۾ عمران خان جي وڌيڪ جسماني ريمانڊ جي اپيل رد ڪري ڇڏي. احتساب عدالت اڏيالا جيل ۾ پي ٽي آءِ چيئرمين خلاف القادر پراپرٽي ٽرسٽ ۽ 190/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

فيض آباد انڪوائري ڪميشن شاهد خاقان عباسي کي 29 نومبر تي طلب ڪري ورتو

انڪوائري ڪميشن اڳوڻي وزيراعظم کي 29 نومبر تي طلب ڪيو آهي، شاهد خاقان عباسي جو بيان رڪارڊ ڪيو ويندو : ذريعا

فيض آباد ڌرڻي وقت شاهد خاقان عباسي وزيراعظم هو، آگسٽ 2017 ع کان 31 مئي 2018 ع تائين وزيراعظم رهيو

اسلام آباد (م د) فيض آباد ڌرڻي جي انڪوائري ڪميشن اڳوڻي وزيراعظم شاهد خاقان عباسي کي طلب ڪري ورتو ذريعن موجب انڪوائري ڪميشن اڳوڻي وزيراعظم کي 29 نومبر تي طلب ڪيو آهي. شاهد خاقان عباسي جو بيان رڪارڊ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

آرمي چيف سان سعودي ڪمانڊر جي ملاقات: وچ اوير ۾ هلندڙ تڪرار تي ڳالهيون

سيد عاصم منير سان رائل سعودي لينڊ فورسز جي ڪمانڊر ليفٽيننٽ جنرل فهد بن عبدالله المطير جي ايڇ ڪيو ۾ ملاقات ڪئي

ملاقات جي دوران ٻنهي ڌرين وچ ۾ دفاع، سيڪيورٽي ۽ فوجي تربيت سميت ٻين شعبن ۾ تعاون تي ڳالهيون ٿيون: آءِ ايس پي آر

سعودي ڪمانڊر دهشتگردي جي خلاف جنگ ۾ پاڪ فوج جي ڪردار جي تعريف ڪئي

راولپنڊي (م د) آرمي چيف جنرل سيد عاصم منير سان رائل سعودي لينڊ فورسز جي ڪمانڊر ليفٽيننٽ جنرل فهد بن عبدالله المطير جي ايڇ ڪيو ۾ ملاقات ڪئي آهي. آءِ ايس پي آر مرجب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

اصل صلاحيت ڏکائين تي قابو آڻڻ ۽ اختلافن کي پاڻ ۾ آهي، وزيراعليٰ سنڌ

ڪراچي (رپورٽر): سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر چيو آهي ته اسان هڪ اهڙي دنيا ۾ رهون ٿا جنهن ۾ اڪثر ڪاميابيون اڳواڻ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

بلاول ڀٽو وزيراعظم جو اميدوار آهي، آصف زرداري جيڪو چيو ان کي سمجهڻ جي ضرورت آهي: خورشيد شاهه

فيصلو سي اي سي ڪندي آهي جيڪڏهن آصف زرداري اعلان ڪندو ته طريقيڪار تبديل ٿي ويندو

ميان صاحب 2014 ۾ سلوگن ڏنو هو ووٽ کي عزت ڏيو، ڇا اوهان ڏئي رهيا آهيو؟

اسان اسٽيبلشمينٽ جا ماڻهو آهيون ۽ اسٽيبلشمينٽ اسان سان گڏ آهي اهو ووٽ کي عزت ڏيو نه پر پارٽي جو مسئلو آهي

سکر (رپورٽر) پيپلز پارٽي جي اڳواڻ خورشيد شاهه چيو آهي ته آصف زرداري جيڪو چيو ان کي سمجهڻ جي ضرورت آهي. ڪر ۾ صحافين سان ڳالهيون ڪندي خورشيد شاهه چيو ته بلاول ڀٽو وزيراعظم جو اميدوار آهي، جيڪو آصف زرداري چيو آهي ان کي سمجهڻ جي ضرورت آهي. فيصلو سي اي سي ڪندي آهي جيڪڏهن آصف زرداري اعلان ڪندو ته طريقيڪار تبديل ٿي ويندو ان سبب ڪري آصف زرداري ائين چيو آهي ته هو اميدوار ته آهي خورشيد شاهه چيو ته ميان صاحب 2014 ۾ سلوگن ڏنو هو ووٽ کي عزت ڏيو، ڇا اوهان ڏئي رهيا آهيو؟ اوهان جا ماڻهو ته چئي رهيا آهن ته اسان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

سکر: پيپلز پارٽي اڳواڻ خورشيد شاهه ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

دهشتگردي جي انت واري عدالت مريم اورنگزيب کي گرفتار ڪري پيش ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

دهشتگردي جي انت واري عدالت پيش نه ٿيڻ تي مسلم ليگ(ن) جي اڳواڻ مريم اورنگزيب جا ضمانت نه ٿيڻ جوڳا گرفتاري وارنٽ جاري ڪري ڇڏيا

جج مريم اورنگزيب کي 9 ڊسمبر تي گرفتار ڪري پيش ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

پوليس مريم اورنگزيب، جاويد لطيف سميت ٻين جي خلاف ڪيس داخل ڪري رکيو

لاهور (م د) دهشتگردي جي انت واري عدالت چڙ ڏياريندڙ ڳالهائڻ جي ڪيس ۾ مريم اورنگزيب کي 9 ڊسمبر تي گرفتار ڪري پيش ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي. رپورٽ موجب دهشتگردي جي انت واري عدالت پيش نه ٿيڻ تي مسلم ليگ (ن) جي ا/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

نوازشريف جو انڪار: چوڌري سرور ٻيهر پي ٽي آءِ ۾ شموليت جي خواهش ظاهر ڪري ڇڏي

چوڌري سرور مسلم ليگ(ن) ۾ شموليت لاءِ به ڳالهيون ڪيون پر نوازشريف انڪار ڪري ڇڏيو

2014 ۾ عمران خان ۽ قادري جي ناڪام ڌرڻي وقت چوڌري سرور(ن) ليگ کي ڇڏي ويو هو

لنڊن: (م د) پاڪستان مسلم ليگ(ق) جي چيف آرگنائيزر، پاڪستان تحريڪ انصاف(پي ٽي آءِ) جي اڳوڻي اڳواڻ ۽ پنجاب جي اڳوڻي گورنر چوڌري محمد سرور هڪ دفعو ٻيهر پي ٽي آءِ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ جدوجهد شروع ڪري ڇڏي آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

هٽرادو مهانگائي ڪندڙن خلاف ڪيس داخل ڪيو وڃي: اياز لطيف پليجو

هڪ ئي رات ۾ ڪروڙ پتي ۽ ارب پتي ٿيڻ لاءِ شين جي هٽرادو کوٽ پيدا ڪئي وڃي ٿي

ضرورت وقت مارڪيٽ مان اوچتو ڪڻڪ گم ڪري اٽو مهانگو ڪيو وڃي ٿو، ڪڏهن کنڊ گم ڪئي وڃي ٿي، ڪڏهن ڪوڪنگ آئل جو کوٽ آهي

ائين کاڌي پيتي جون شيون هٽرادو گم ڪري غريب عوام لاءِ ناجائز مهانگائي وڌائي وڃي ٿو: سربراهه قومي عوامي تحريڪ

حيدرآباد (رپورٽر قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجي چيو آهي ته ڪڻڪ، کنڊ، پاڻ، زندگي بچائيندڙ دوائون ۽ ٻين شين جو ناجائز/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

پوليو مهم جي
افتتاحي تقريب لياري
جنرل اسپتال ۾ منعقد

ڪراچي (رپورٽر) نومبر 2023 پوليو مهم جي NIDsجي افتتاحي تقريب لياري جنرل اسپتال /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ڪراچي: نگران صوبائي وزير صحت سعد خالد 8هين بين ريسرچ اسمپوزيم کي خطاب ڪندي

ديانتدار قيادت جي چونڊ ئي سڀني مسئلن جو حل آهي: محمد حسين محنتي

15 سال حڪمراني ۾ رهڻ باوجود سنڌ جي واحد سياحتي مرڪز گورک هل پروجيڪٽ ۾ به بهتري نه اچي سگهي

گورک هل سميت سنڌ جي ترقي ۽ عوام جي خوشحالي ديانتدار قيادت سان جڙيل آهي

ڪراچي (رپورٽر) جماعت اسلامي سنڌ جي امير ۽ اڳوڻي ايم اين اي محمد حسين محنتي چيو آهي ته پ پ جي سنڌ ۾ لاڳيتو 15 سال حڪمراني ۾ رهڻ باوجود سنڌ جي واحد سياحتي مرڪز گورک هل پروجيڪٽ ۾ به بهتري نه اچي سگهي، /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

شڪارپور ۾ ڪراٽي جا شاندار مقابلا، مرحوم عبدالرحمان شيخ انٽر ڊويزنل ڪراٽي چيمپيئن شپ منعقد

هدايت ڪراٽي اڪيڊمي ۾ آگنائيزر استاد هدايت الله مهر پاران مرحوم عبدالرحمان شيخ ڪراٽي چيمپيئن شپ منعقد ڪرائي وئي

وڏيرو تاج پرڙو، ڊاڪٽر حفيظ بروهي، طاهر ناپر، لالا خالد هڪڙو، عبدالسميع بلالي، محمد افضل جعفري ۽ ٻين انعامات ڏنا

مهمانن کي سنڌ جي ثقافت اجرڪن جا تحفا پيش ڪيا ويا ۽ راندين سان وابسته شخصيتن کي شيلڊون ڏنيون ويون

شڪارپور (رپورٽ: عبدالخالق سومرو) شڪارپور ۾ ڪراٽي جا شاندار مقابلا، مرحوم عبدالرحمان شيخ انٽر ڊويزنل ڪراٽي چيمپيئن شپ منعقد. شڪارپور ۾ هدايت ڪراٽي اڪيڊمي ۾ آرگنائيزر استاد هدايت الله مهر پاران مرحوم عبدالرحمان شيخ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

شڪارپور: چيمپيئن شپ دوران رانديگرن جو ورتل گروپ فوٽو

دادو جي سماجي تنظيم سيتا
سرڄهار فورم پاران جاري
احتجاج کي 308 ڏينهن مڪمل

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو جي سماجي تنظيم سيتا سرڄهار فورم پاران مسافر ريل گاڏين جي بحالي لاءِ هلندڙ احتجاجي تحريڪ کي 308 ڏينهن مڪمل. تحريڪ 9 مهينا 14 ڏينهن جاري ۽ فورم پاران وچن ڪيو ويو ته اسان جي جدوجهد جي نتيجي ۾ ڪاميابي ملي آهي ۽ وڏيڪ ريلويز اختيارين پاران /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

سنگرار ٿاڻي جي حدن ۾ پوليس جي ڳٽ جوڙ سان چورن جي پيگهي متل

پوليس سنگرار جي آشيرواد سان چور ڪوڙيون اين سي داخل ڪرائي پاڳين کي بليڪ ميل ڪرڻ لڳا

چوري ڪيس ۾ شڪ جي بنياد تي ڪيترن ئي چورن کي ٻڌ ڇوڙ ڪري ٻن لکن کان وڌيڪ ڏوڪڙ ڪمائي ورتا

سکر (بيورو رپورٽ) سنگرار ٿاڻي جي حدن ۾ پوليس جي ڳٽ جوڙ سان چورن جي پيگهي متل. پوليس سنگرار جي آشيرواد سان چور ڪوڙيون اين سي داخل ڪرائي پاڳين کي بليڪ ميل ڪرڻ لڳا. 3 مهينا اڳ صحافي جي گهر مان چوري ٿيل سولر پليٽن ۾ شڪ جي بنياد تي ڪيترن ئي چورن کي ٻڌ ڇوڙ ڪري ٻن لکن کان وڌيڪ ڏوڪڙ ڪمائي ورتا. تفصيل موجب، سکر ضلعي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

نوشهروفيروز ۾ شگر کان بچاءُ جي عالمي ڏينهن جي مناسبت سان اسڪريننگ ڪئمپ قائم

ٻائيتاليهه ڪروڙ کان وڌيڪ ماڻهو شگر جي مرض جو شڪار آهن، پاڪستان سميت پوري دنيا ۾ اڄ شگر جو عالمي ڏينهن ملهايو پيو وڃي: ڊاڪٽر خادم علي مگريو

مٺي ۾ سرور رهڻ جي شڪايت جي صورت ۾ شگر جي ٽيسٽ ڪرايو، رت ۾ گلوڪوس جي گهٽتائي سبب هارٽ اٽيڪ، نظر رهجڻ ۽ فالج جو اٽيڪ به ٿي سگهي ٿو

برگر پيزا ڪيڪ وغيره کائڻ، سافٽ ڊرنڪس ۽ سگريٽ جو استعمال، ورزش ۽ واڪ يا رائد معمول جو حصو نه هجي ته شوگر جي مرض جو خطرو ڦرندو رهي ٿو

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) شگر کان بچاءُ جي عالمي ڏينهن جي مناسبت سان مفت شگر اسڪريننگ ڪئمپ سول اسپتال نوشهروفيروز ۾ لڳائي وئي، ان موقعي تي سول سرجن ڊاڪٽر خادم علي مگريو اکين جي ماهر ڊاڪٽر اجمل خان راجپوت پروگرام ڪوآرڊينيٽر احسان آرائين چيو ته، پوري دنيا ۾ ٻائيتاليهه ڪروڙ کان وڌيڪ ماڻهو شگر جي مرض جو شڪار آهن پاڪستان سميت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ڪراچي ۾ هندو يوٿ ڪائونسل جو چيئرمين
وشال آنند انٽرنيشنل ويزيٽر ليڊرشپ
پروگرام ۾ شرڪت ڪانپوءِ ڏيهه پهچي ويو

ڪراچي (رپورٽ) ڪراچي ۾ هندو يوٿ ڪائونسل جو چيئرمين وشال آنند انٽرنيشنل ويزيٽر ليڊرشپ پروگرام ۾ شرڪت ڪانپوءِ ڏيهه پهچي ويو تفصيل موجب هندو يوٿ ڪائونسل جي سربراهه ۽ خادمين سنڌ فائونڊيشن پاڪستان جو وائيس چيئرمين ۽ سماجي اڳواڻ وشال آنند کي آمريڪي اسٽيٽ ڊپارٽمينٽ واشنگٽن ڊي سي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

نوشهروفيروز: اسڪريننگ ڪئمپ دوران اڳواڻ ميڊيا سان ڳالهائي رهيا آهن

شهدادڪوٽ ۾ الهدايت ايجوڪيشنل اڪيڊمي پاران سيرت النبي صه ڪانفرنس منعقد

شاگردن ۽ شاگرديائڻ ۾ حمد، نعت ۽ نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جي سيرت تي تقريري مقابلا ڪرايا ويا

حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم کي رب پاڪ پنهنجي جهانن لاءِ رحمت اللعالمين بڻائي موڪليو: اڳواڻ

پاڻ ڪريم صه کي دشمن به صادق ۽ امين ڪوٺيندا هئا پاڻ ڪريم جي ڏسيل واٽ تي عمل ڪري اسان کي دنيا ۽ آخرت سنوارڻ گهرجي

شهدادڪوٽ (د ر) شهدادڪوٽ ۾ الهدايت ايجوڪيشنل اڪيڊمي پاران سيرت النبي ڪانفرنس منعقد ڪري مختلف اسڪولن ۽ ڪوچنگ سينٽرن جي شاگرد ۽ شاگرديائڻ ۾ حمد، نعت ۽ تقريري مقابلا ڪرائي پوزيشن ڪندڙن ۾ شيلڊون ورهايون شهدادڪوٽ ۾ الهدايت ايجوڪيشنل اڪيڊمي پاران شهر جي سويرا سائنس پبلڪ اسڪول ۾ سالياني "سيرت النبي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

صحت مند پاڪستان لاءِ نوجوانن کي راندين جي سرگرمين ۾ شامل ڪرڻو پوندو: ارسلان اسلام شيخ

پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري نوجوانن کي تعليمي ميدان سان گڏ راندين جي سرگرمين ۾ به ڪامياب ڏسڻ چاهي ٿو

سوشل ميڊيا ۽ ٻين سماجي برائين طرف راغب ٿي، نوجوان پنهنجي بهترين ذهني صلاحيتن کي زنگ لڳائي رهيا آهن

اڄ ضرورت هن ڳالهه جي آهي ته اسڪولن ۽ ڪاليجن جي سطح تي اسپورٽس ڪلاسن جو اجراءَ ڪيو وڃي

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سکر ۾ بيريسٽر ارسلان اسلام شيخ جو چوڻ آهي ته صحت مند پاڪستان لاءِ نوجوانن کي راندين جي سرگرمين ۾ شامل ڪرڻو پوندو، پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پاڪستان جي نوجوانن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

شڪارپور: فوج ۾ ڀرتي
ٽيسٽ وارو عمل گذريل
13 نومبر کان جاري

شڪارپور (د ر) آرمي سليڪشن اينڊ ريڪروٽمينٽ آفيس لاڙڪاڻي جي پڌرائي موجب لاڙڪاڻي ڊويزن جي مختلف ضلعن جنهن ۾ شڪارپور، جيڪب آباد، ڪنڌڪوٽ ڪشمور، قنبر شهدادڪوٽ، دادو ۽ لاڙڪاڻي لاءِ اميدوارن جي فوج ۾ ڀرتي ٽيسٽ وارو عمل گذريل 13 نومبر کان شروع ڪيو ويو آهي جيڪو 15 ڊسمبر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

سکر: ميئر ارسلان اسلام شيخ ملاقات دوران ڳالهائي رهيو آهي

دادو ۾ پيپلز هاري ڪاميٽي پاران ٻجن جو بليڪ تي وڪرو ٿيڻ واري عمل خلاف ريلي

ڪڻڪ جو ٻج ۽ زرعي ۽ هٽرادو مهانگائي خلاف ڊي سي آفيس کان پريس ڪلب تائين احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

شهر ۾ ڪڻڪ جو ٻيجارو ۽ زرعي ڀاڻ سرڪاري اگهن تي وڪرو نه پيا ڪيا وڃن ڪير پڇڻ وارو ناهي: مظاهرين

هٽرادو مهانگائي جو سخت نوٽيس ورتو وڃي ۽ سرڪاري اگهن تي آبادگارن ۽ هارين کي زرعي ڀاڻ ۽ ڪڻڪ جو ٻج مهيا ڪيو وڃي

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ پيپلز هاري ڪاميٽي جي ضلعي صدر عبدالمطلب پنهور جي اڳواڻي ۾ ضلع دادو ۾ ڪڻڪ جو ٻج ۽ زرعي ۽ هٽرادو مهانگائي خلاف ڊي سي آفيس کان پريس ڪلب تائين احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو پ پ هاري ڪاميٽي جي هن مظاهري ۾ علي حيدر ملاح، سنتوش ڪمار، اسلم چانڊيو، مجاهد حسين ڳوڙ، غلام مصطفيٰ جمالي، خالد حسين پيرزادو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

گهگهر ۾ سول سوسائٽي ۽ آل سرگاٺي ويلفيئر ايسوسيئيشن پاران اسرائيلي جارحيت خلاف ريلي

انجنيئر دربان علي سرگاٺي، انجنيئر عمران سرگاٺي، بدرالدين سرگاٺي، حاجي منير سرگاٺي، فياض اتيرو ۽ ٻين جي شرڪت

فلسطين مٿان ظلم، بربريت ۾ ڏينهون ڏينهن اضافو ٿيندو پيو وڃي، قتل عام جي جيتري مذمت ۽ افسوس ڪجي گهٽ آهي: اڳواڻ

پاڻ کي امن جو عالمي ٺيڪيدار سڏرائيندڙ آمريڪا ۽ اقوام متحده مسلمانن جي قتل عام جا خاموش تماشائي بڻيل آهن

ڪراچي (رپورٽ باغي ساگر) ملير جي علائقي گهگهر ۾ سول سوسائٽي ۽ آل سرگاٺي ويلفيئر ايسوسيئيشن پاران اسرائيل جي فلسطين مٿان جارحيت خلاف ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو، عالمي دهشتگردي نامنظور، اسرائيلي جارحيت مرده باد جا نعرا، فلسطيني مسلمانن جي قتل عام خلاف اقوام متحده ۽ عالمي عدالتن کي نوٽيس وٺڻ گهرجي، دربان علي سرگاٺي، تفصيل موجب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ڪڍڻ پرسان مقتول جي ڀاءُ
جي فرياد تي 6 جوابدارن خلاف
ڪيس داخل، 2 گرفتار

ڪڍڻ (رپورٽ محرم علي ملاح) ڪڍڻ پرسان ڳوٺ حسن خاصخيلي ۾ مامن هٿان قتل ٿيل ڀاڻيجو ۽ زخمي ٿيلن جو ڪيس مقتول جي ڀاءُ جي فرياد تي 6 جوابدارن خلاف ڪيس داخل 2 ڄڻا گرفتار گرفتار ٿيلن جي پوليس گرفتاري شون ڪئي ڪيس داخل ڪري جانچ شروع ڪري ڇڏي آهي وڌيڪ منشي خبر موجب ڪڍڻ پرسان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ملير: فلسطينن تي اسرائيلي جارحيت خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

مانجهند ۾ زمين تي مبينا قبضي ۽ پوليس ظلم خلاف پٽي برادري احتجاج جاري

نوجوانن نابين شخص ۽ بيواهه عورتن جي زمين تي مبينا قبضي ۽ پوليس ظلم خلاف احتجاج کي مهينو مڪمل ٿي ويو

سخت سردي سبب متاثر پيرسن ولي محمد پٽي بيمار ٿي بستري پيٽروٽي ويو پر تشدد ڪندڙ جوابدارن تي ڪيس داخل نه ٿي سگهيو

ڪافي ڏينهن کان احتجاج باوجود سنڌن داد فرياد نه ٿي سگهيو آهي پوليس جوابدارن سان ملي پنهنجو جهاڳڙ ڪري واپس موٽيو اچي: پٽي برادري

مانجهند (رپورٽ) مانجهند ۾ زمين تي مبينا قبضي ۽ پوليس ظلم خلاف پٽي برادري جي احتجاج کي هڪ مهينو مڪمل متاثر پيرسن سخت بيمار انصاف نه ٿي سگهيو پوليس جهاڳڙ ۾ مصروف تفصيل موجب مانجهند ۾ پٽي خاندان جي پيرسن شخص جي خاندان جي يتيم نوجوانن نابين شخص ۽ بيواهه عورتن جي زمين تي مبينا قبضي ۽ پوليس ظلم خلاف احتجاج ڪي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

جهڏو پوليس جون ڪارروايون، 24 سئو ليٽر شراب، سفينا گٽڪو هٿ، 2 جوابدار

ايس ايڇ او شراب جي ڀٽي تي ڇاپو هڻي 2400 ليٽر ديسي شراب برآمد ڪري ورتو

گرفتار ٿيل جوابدارن مٿان جهڏو ٿاڻي تي 2 ڪيس داخل ڪيا ويا آهن: ايس ايڇ او

جهڏو (سنڌيار) جهڏو پوليس جون ڪارروايون، 24 سئو ليٽر شراب، سفينا گٽڪو هٿ، 2 جوابدار گرفتار هڪ فرار 3 ڄڻن مٿان 2 ڪيس داخل، ايس ايڇ او جهڏو مقصود چنا سبزي منڊي وٽ وسير ڪوسو جي شراب جي ڀٽي تي ڇاپو هڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

گلشن حديد ۾ سنڌي ادبي سنگت پاران ثقافتي مشاعري جي تقريب منعقد

تقريب ۾ اسڪول جي ٻارڙن، استادن، سياسي سماجي اڳواڻن سميت سوين ماڻهن جي شرڪت

ٻارڙن قومي گيتن تي ٽيبلوز ۽ شاعرن نڪور شاعري ٻڌائي محفل منڊي ڇڏي

ڪراچي (رپورٽ) سنڌي ادبي سنگت شاخ گلشن حديد پاران نجي اسڪول اي ايڇ اڪيڊمي جي سهڪار سان ثقافتي مشاعري جي تقريب منعقد، تقريب ۾ اسڪول جي ٻارڙن، استادن، سياسي سماجي اڳواڻن سميت سوين ماڻهن جي شرڪت، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ملير: ثقافتي مشاعري واري تقريب کي اڳواڻ خطاب ڪري رهيا آهن

بدين: تلهار جي رهواسڻ عورتن پاران احتجاج

5 جوابدارن نشي جي حالت ۾ زبردستي زيادتي جي ڪوشش ڪئي: عورتون

جوابدار سري عام گهمن پيا انهن کي گرفتار ڪري اسان کي تحفظ مهيا ڪيو وڃي

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) تلهار شهر جي آس پاس ڳوٺ لال خان لنڊ جي رهواسڻ عورتن لالي زال غلام حسين، روبينا زال نور حسن، رشيدان ۽ ڳوٺ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

شهدادڪوٽ جي باقر آباد پاڙي جي رهواسين پاران احتجاج

پاڙي جي رهواسين جو منظور ٿيل گهٽي جو ڪم نه ٿيڻ خلاف احتجاج ڪيو

صفائي سترائي ڪرائي رهواسين سان پيش ايندڙ تڪليفون ختم ڪيون وڃن: مظاهرين

شهدادڪوٽ (د ر) شهدادڪوٽ جي باقر آباد پاڙي جي رهواسين جو منظور ٿيل گهٽي جو ڪم نه ٿيڻ ڪري انجنيئر پبلڪ هيلٿ خلاف پريس ڪلب اڳيان ۽ ڪرنو موٽر چوڪ تي الڳ الڳ احتجاجي مظاهرا ڪري ڌرڻا هڻي نعريبازي ڪئي. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

سکر ۾ ميڊيا ڪونسل ضلعي جي وفد جي اشفاق احمد ڪوسو سان عيادت

محمد رياض ڪوڪر، فضل الرحمن ڀٽو، عمران مغل، حفيظ الله لغاري ۽ ٻين عيادت ڪئي

صحافي برادري سميت، ڪيترن ئي اڳواڻن جي عيادت جو سلسلو پڻ جاري

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) پاڪستان ميڊيا ڪونسل ضلعي سکر جي وفد جي سکر پريس ڪلب جي ڪيمرا مين فوٽو جرنلسٽ ايسو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

سکر: عيادت دوران اڳواڻن جو ورتل گروپ فوٽو

مورو واسڻ نوجوان ناري جو لاش هٿ

اسان جي نياڻي کي سنڌس مڙس قتل ڪيو آهي: وارث

سنڌس معصوم نياڻي پاڻ سان گڏ کڻي فرار ٿي ويو آهي

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) افسوس ناڪ خبر، مورو شهر جي دستگير ڪالوني ۾ هڪ گهر اندر 19 سالا نوجوان ناري مسمات (ب) ڪوسو جو لاش هٿ آيو آهي جنهن کي مورو اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي ڊاڪٽرن پاران لاش جو پوسٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

دڙو: شيرازي ڀائرن پاران اليڪشن ۾ پ پ مخالفن کي شڪست ڏيڻ جو اعلان

مير هزار خان زنئور پاران پ پ جي سابق ايم اين اي سيد اياز شاهه شيرازي جي مان ۾ آجياڻو ڏنو ويو

انشاءالله ايندڙ اليڪشن پ پ پنهنجي ضلعن مان وڏي اڪثريت سان ڪامياب ٿيندي: اياز شاهه شيرازي

دڙو (ان سنڌ يار) دڙو: شيرازي ڀائرن پاران ايندڙ اليڪشن ۾ سجاول ۽ ٺٽي ضلعي مان سمورن پ پ مخالفن کي بدترين شڪست ڏيڻ جو اعلان. تفصيل موجب دڙو ۾ مير هزار خان زنئور پاران پ پ جي سابق ايم اين اي سيد اياز علي شاهه شيرازي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

دڙو: اياز شاهه شيرازي تعزيت بعد آجياڻي واري تقريب ۾ ويٺل آهي

پوليس مال ناجائز طريقي سان ضبط ڪري ويهاري ڇڏيو آهي: پورهيت عبدالقيوم

ڪل رات سي آءِ اي پوليس هن جي ڪوٽڙا ۾ ايندڙ ٽرڪن تي ڇاپو هڻي مال صدر ٿاڻا وٺي ويا

غريب پورهيت جو مال واپس وٺي ڏيڻ جو مطالبو ڪيو آهي: تاجران انجمن جي صدر احمد علي بروهي

جيڪب آباد (رپورٽ) ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب جيڪب آباد ۾ پورهيت عبدالقيوم تاجران انجمن جي صدر احمد علي بروهي سان گڏ صحافين کي سي آءِ اي پوليس جي ڏانهن ڏيندي چوڻ هو ته ڪل رات سي آءِ اي پوليس هن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

نوشهروفيروز ۾ ٻلهڻ کي ماريندڙ 4 ماڻهن تي ڪيس داخل

جنگلي جيوت کاتي مرده ڊولفن کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو

جوابدارن خلاف کاتي جي قانون موجب ڪارروائي ڪئي ويندي: عملدار

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) نوشهروفيروز ۾ جهنگلي جيوت کاتي جي گيم انسپيڪٽر غلام مرتضيٰ خشڪ پنهنجي ٽيم سان گڏ ڪارروائي ڪندي مٺياڻي پرسان سهڙا ماٿر مان ملندڙ انڊس ڊولفن مڇي، ٻلهڻ کي ماريندڙ 4 ماڻهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

گهارو: سوشل ايڪٽيوسٽ حسنا قريشي پاران ايڊووڪيٽ ريحان عزيز ملڪ کي مبارڪون

ايڊووڪيٽ فرحان علي ميمڻ، ايڊووڪيٽ غلام مصطفيٰ جانوري، ايڊووڪيٽ امداد سرڪي ۽ ٻيا موجود هئا

وڪيلن مان اميد ڪيون ٿا ته هميشه مظلوم ماڻهن کي انصاف ڏيارڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندا: حسنا قريشي

گهارو (بشام جرڪي) سوشل ايڪٽيوسٽ حسنا قريشي ها، ڪورٽ ڪراچي پهچي ايڊووڪيٽ ريحان عزيز ملڪ ۽ ان جي ٽيم کي سنڌ بار ڪائونسل جو صدر بڻجڻ تي مبارڪون ڏنيون. حسنا قريشي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان ٽئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

گهارو: گڏجاڻي دوران وڪيل اڳواڻ ڪاميابي جو نشان ڏيکاري رهيا آهن

ٽنڊو غلام علي پوليس پاران مبينا ڪنيي گم ڪيل نوجوان کي ظاهر نه ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

ڳوٺ پاندي جتوئي جي جتوئي برادري جي درجنين ماڻهن عبداللطيف جتوئي جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

پوليس ڳوٺ حاجي غني آرائين جي بااثر شخصيت جي چوڻ تي انور جتوئي کي ڪنيي گم ڪري ڇڏيو آهي: مظاهرين

اسان کي خدشو آهي پوليس ڪوڙي مقابلي ۾ کيس ماري نه ڇڏيو هجي، معاملي جو نوٽيس وٺي انصاف ڏياريو وڃي

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) ڳوٺ پاندي جتوئي مان 4 ڏينهن اڳ ٽنڊو غلام علي پوليس پاران مبينا ڪنيي گم ڪيل انور جتوئي کي ظاهر نه ڪرڻ خلاف جتوئي برادري جي درجنين ماڻهن عبداللطيف جتوئي جي اڳواڻي ۾ نئون دمبالو ۾ احتجاجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

بدين: جتوئي برادري جا ماڻهو نوجوان کي ڪنيي گم ڪرڻ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

سنڌڙي تعلقي اندر يوريا ڀاڻ
جي هٽرادو کوٽ زميندار
طبقو سخت پريشان

سنڌڙي (رپورٽ) سنڌڙي تعلقي اندر يوريا ڀاڻ جي هٽرادو کوٽ زميندار طبقو سخت پريشان جيئن ڪڻڪ جي فصل کي ڀاڻ ملڻ جي صورت ۾ سڄي سنڌ ۾ اربين روپين جو نقصان ٿيڻ جو خدشو مستقبل کي تباهي جي ڪناري ڏکيو پيو وڃي جنهن ۾ ملڪ دشمن واپاري علائقي جا آفيسر شامل آهن عوام ۾ جو آواز کو ٻڌڻ لاءِ تيار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ٽنڊوڄام پيپلز هاري ڪميٽي سنڌ پاران هارين سان ٿيندڙ زيادتين خلاف احتجاج جو اعلان

نگران حڪومت پاران مڪمل طور نظرانداز ڪيو پيو وڃي جنهن جي مذمت ڪجي ٿي: محمد پنهل خان لهر

ڊي اي پي ڀاڻ سرڪاري اگهه 7 هزار 8 سو هجڻ باوجود 14 هزار 8 سو ۾ بليڪ تي وڪرو ٿي رهيو آهي

حيدرآباد (رپورٽ) پيپلز هاري ڪميٽي سنڌ پاران هارين سان ٿيندڙ زيادتين خلاف سڄي سنڌ ۾ ڀرپور نموني احتجاج ڪرڻ جو اعلان پ پ هاري ڪميٽي سنڌ جي صدر مير محمد پنهل خان لهر ۽ ٻين مرڪزي اڳواڻن پنهنجي گڏيل بيان ۾ چيو آهي ته سنڌ ۾ هارين سان ٿيندڙ ظلم هرگز برداشت نه ڪبو سنڌ صوبو زراعت جو مرڪزي هجڻ جي باوجود نگران حڪومت پاران مڪمل طور /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

دڙو جي اسڪول مان برساتي پاڻي نيڪال نه ٿيڻ خلاف شاگردن جو احتجاج، نعريبازي

گذريل ڏينهن پيل برسات کانپوءِ گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول ون ۾ برساتي پاڻي بيهجي ويو

اسڪول جي هڪ بلاڪ ۾ برساتي پاڻي بيٺل هجڻ ڪري شاگردن کي اچ وڃ ۾ سخت ڏکيايون پيش

نيڪال جو نظام صحيح نه هجڻ ڪري روڊ رستن جو پاڻي پرائمري اسڪول ۾ داخل ٿي رهيو آهي: مظاهرين

دڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) دڙو جي مين پرائمري اسڪول مان برساتي پاڻي نيڪال نه ٿيڻ خلاف شاگردن جو احتجاج، تدريسي عمل سخت متاثر، تفصيل موجب دڙو ۾ گذريل ڏينهن پيل برسات کان پوءِ گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول ون ۾ برساتي پاڻي بيهجي ويو آهي. اسڪول جي هڪ بلاڪ ۾ برساتي پاڻي بيٺل هجڻ ڪري شاگردن کي اچ وڃ ۾ سخت ڏکيايون پيش اچڻ لڳيون. جنهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

دڙو: اسڪول مان برساتي پاڻي نيڪال نه ٿيڻ خلاف ٻارڙا احتجاج ڪري رهيا آهن

ٺٽو- مڪلي پوليس سميت ڳاڙهو ٿاڻي جي
پوليس پاران سرگرم ڌوڙهارين، منشيات فروشن
۽ ڳچهن اشتهاري ڌوڙهارين ڪارروايون جاري

ٺٽو (جاويد لطيف ميمڻ) ايس ايس پي علي ٺٽو بخش عرف آفتاب احمد نظاماڻي جي هدايتن تي ٺٽو- مڪلي پوليس سميت ڳاڙهو ٿاڻي جي پوليس پاران سرگرم ڌوڙهارين، منشيات فروشن ۽ ڳچهن اشتهاري ڌوڙهارين ڪارروايون جاري تفصيلن موجب انچارج سي آءِ اي سينٽر پوليس انسپيڪٽر عبدالله ٻرڙو سب انسپيڪٽر مشتاق علي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

دادو: ڊسٽرڪٽ هيڊ ڪوارٽر اسپتال لمس حوالي ٿيڻ باوجود مريضن لاءِ بي لاپ بڻيل

مريضن کي ريفر ڪرڻ جو سلسلو جاري، ايمبولينسز به ريفر ٿيل مريضن کي نه ملڻ معمول بڻيل، اختياريون خاموش

ڊسٽرڪٽ هيڊ ڪوارٽر اسپتال لمس حوالي ٿيڻ باوجود اسپتال جو حال ڪستا، ريفر جو ليٽر چمبڙائڻ وارو عمل جاري

معاملي جو نوٽيس وٺي هيڊ ڪوارٽر اسپتال ۾ مريضن لاءِ سهولتون عام ڪيون وڃن: سڄاڻ ڌريون

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) ڊسٽرڪٽ هيڊ ڪوارٽر اسپتال لمس حوالي ٿيڻ باوجود مريضن لاءِ بي لاپ بڻيل مريضن کي ريفر ڪرڻ جو سلسلو جاري، ايمبولينسز به ريفر ٿيل مريضن کي نه ملڻ معمول بڻيل: خبر موجب ڊسٽرڪٽ هيڊ ڪوارٽر اسپتال لمس حوالي ٿيڻ باوجود اسپتال جو حال ڪستا، مريضن کي صرف داخل ڪرڻ بعد ريفر جو ليٽر چمبڙايو وڃي پيو دادو جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ٺٽون ديرو پرسان سالياني امتحان ۾ پوزيشن حاصل ڪندڙ شاگردن ۽ استادن کي ايوارڊ ڏيڻ لاءِ تقريب

اسان جي ملڪ جي تعليم دنيا جي ايڊوانس تعليم جي ڀيٽ ۾ ڪجهه به ناهي: ڊائريڪٽر ڪميونٽي اسڪولز ۽ ڪاليجز

دنيا جا ٻار تعميري سوچ سان جديد شيون تيار ڪري رهيا آهن ۽ اسان جا ٻار اڄ به ڪتابن ۾ لکيل سبق کي ياد ڪرڻ ۾ رڌل آهن

ٻار اڳ جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ هوشيار ۽ ذهين آهي جيڪو جديد دور جي گهرجن مطابق سمارٽ فون جو آسانيءَ سان استعمال ڪري رهيو آهي

ٺٽون ديرو (رپورٽ: شاد محمود ڀٽو) اسان جي ملڪ جي تعليم دنيا جي ايڊوانس تعليم جي ڀيٽ ۾ ڪجهه به ناهي، دنيا جا ٻار تعميري سوچ سان جديد شيون تيار ڪري رهيا آهن ۽ اسان جا ٻار اڄ به ڪتابن ۾ لکيل سبق کي ياد ڪرڻ ۾ رڌل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

ٺٽون ديرو: ايوارڊ ڏيڻ واري تقريب کي اڳواڻ خطاب ڪري رهيا آهن

نوشهروفيروز ۾ بابا گرونانڪ
ديوجي، جي جنم ڏهاڙي جون
ٽئي ڏينهن واريون تقريبون جاري

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) بابا گرونانڪ ديوجي، جي جنم ڏهاڙي جون ٽئي ڏينهن واريون تقريبون بابا جمنا داس آداسين نوشهرو فيروز ۾ جاري رهيون جنهن ۾ ڀڳت جئه سنگهه. سديش ڪمار هالائي وارن ۽ شوا ڀڳت، ستسنگ ۽ ڳيتا ڪيرتن ڪيو ۽ سري گرو گرنٿ صاحب جي ڀوڳ صاحب وڌو جنهن ۾ پوري سنڌ کان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ڪنڌڪوٽ ۾ ايس ٽي پي پاران بدامني خلاف احتجاجي ريلي، نعريبازي

اهو ڏينهن خالي ڪونه آهي جنهن ڏينهن ڪنهن کان ڦر نه ٿئي هجي: ضلعي صدر اڪرم باجڪاڻي ۽ ٻيا

هر روز شهرين کان ڦرجي واقعن تي ڪنٽرول ڪرڻ ۾ پوليس ناڪام ثابت ٿي آهي، رهواسي پريشان آهن

شهر ۾ ڪوئي ماڻهو محفوظ ڪونه آهي، دڪاندارن ۽ عام شهرين کي ڦريو پيو وڃي، نوٽيس ورتو وڃي

ڪنڌڪوٽ (د ر) ڪنڌڪوٽ ۾ سنڌ ترقي پسند پارٽي طرفان ضلعي ۾ وڌندڙ بدامني ۽ شهرين جون ٿيل چوريون واپس نه ٿيڻ واري عمل خلاف ضلعي صدر اڪرم باجڪاڻي، جيوڻ سبزوئي، ظفر ڀيو مهتاب ملڪ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ سوين ڪارڪنن پاران سنڌ ترقي پسند هائوس کان احتجاجي ريلي ڪڍي پريس ڪلب آڏو سخت احتجاج ڪري پوليس انتظاميا خلاف نعريبازي ڪئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

سکر جي شهيد ڪيل صحافي جان محمد مهر جا مک قاتل گرفتار نه ٿي سگهيا

ايف آءِ آر ۾ نامزد ڪيل اصل قاتلن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ صحافين جو احتجاج جاري، سخت نعريبازي

106 ڏينهن گذرڻ باوجود پوليس کي اصل قاتلن جي گرفتاري ۾ ڪاميابي نه ملي سگهي آهي: مظاهرين

جيستائين جان محمد مهر جي قاتلن کي گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ نه ٿو آندو وڃي احتجاج جاري رهندو

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سکر جي شهيد ڪيل صحافي جان محمد مهر جا مک قاتل 106 ڏينهن ٿي وڃڻ باوجود قانون جي پڪڙ کان بچيل، ايف آءِ آر ۾ نامزد ڪيل اصل قاتلن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ صحافين جو احتجاج جاري، هر صورت ۾ قاتل گرفتار ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو آهي سکر يونين آف جرنلسٽ جي سڏ تي شهيد جان محمد مهر جي اصل قاتلن جي گرفتاري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

سکر: صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڪراچي: سنڌي ادبي سنگت گلشن
حديد ۽ اي ايڇ ورلڊ اڪيڊميءَ پاران
ثقافتي مشاعرو ٿي گذريو

ڪراچي (رپورٽ) سنڌي ادبي سنگت گلشن حديد ۽ اي ايڇ ورلڊ اڪيڊميءَ پاران ثقافتي مشاعرو ٿي گذريو مشاعري ۾ سنڌ جي نالي واري شاعرن، سگهڙن، صحافين جي وڏي انگ ۾ شرڪت مشاعري ۾ اسڪول جي ٻارڙن سنڌي گيتن تي رقص ڪري ٽيبلوز پيش ڪيا جڏهن ته آيل مهمانن کي سنڌ جي سوکڙي اجرڪ جا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

اسلام ڪوٽ ۾ شهرين پاران پ پ سينيٽر ڪرشنا ڪماري ۽ ڀاءُ ويرجي ڪولهي خلاف احتجاج

بيواهه گوري زال ستيگر، تيرٿ لال گر، سوائي گر، رميش گر، والم پوري، مدن گر، ڪندن گر ۽ ٻين پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪيو

ڪامورن هڪ سروي نمبر تي پ پ سينيٽر ڪرشنا ڪماري ۽ ڀاءُ ويرجي ڪولهي قبضو ڪرائي پنهنجا ماڻهو ويهاري ڇڏيا آهن: مظاهرين

اسان مسڪين ۽ غريب آهيون، ڌانهون ڪري ٿڪجي پيا آهيون جو ڪير ڌانهن نه ٿو ٻڌي، معاملي جو نوٽيس وٺي انصاف ڏياريو وڃي

اسلام ڪوٽ (رپورٽ صادق بجير) اسلام ڪوٽ ۾ شهرين جو پ پ سينيٽر ڪرشنا ڪماري ۽ ڀاءُ ويرجي ڪولهي خلاف احتجاج، سروي زمين تي ماڻهو ويهاري قبضو ڪرائڻ جو الزام، خبر موجب اسلام ڪوٽ شهر ۾ ٻاوا برادري جي ماڻهن پاران پ پ سينيٽر ڪرشنا ڪماري ۽ ڀاءُ اڳوڻي انساني حقن جي صوبائي صلاحڪار ويرجي ڪولهي خلاف احتجاج ڪندي سروي ٻنيءَ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

❋❋❋ روزاني سنڌيار ڪراچي سمر پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس نمبر 807 ٽريڊ ٽاور عبدالله هارون روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي وئي❋❋❋ رابطي لاءِ: 02135650370، فيڪس: 02135650371

ايڊيٽر:
اعجاز مهر

روزاني
سنڌيار
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

اڱارو 28 نومبر 2023ع

بجلي ڪمپنين جي ڪارڪردگي

سنڌ ۾ اڳ ۾ ئي بجلي ڪمپنين جي ڪارڪردگي بهتر ته پري جي ڳالهه پر اطمينان جوڳي به نه رهي آهي. عام حالتن ۾ به اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ ڪري ماڻهن جو جيئڻ جنجال ڪيو وڃي ٿو. جڏهن ڪڪر مس اچا ڪني ڪيدي ٿو ته بجلي بند ڪئي وڃي ٿي. بس انهن ڪمپنين کي بجلي بند ڪرڻ جو بهانو کپي ۽ جڏهن به ڦڙيون وسن ٿيون ته اهي ڪمپنيون بجلي بند ڪري عوام جي اهنجن کي وڌائڻ جو موقعو هٿان وڃڻ نٿيون ڏين ۽ بجلي ڪمپنين جي انفرا اسٽرڪچر جي حالت اها آهي جو ٻه مينهن ڪٽيون سرس وسيو وڃن ته بجلي ڪمپنين جا فيڊر بند ٿيو وڃن ۽ پوءِ انهن فيڊرن جي بحاليءَ ۾ ٻارنهن ٻارنهن ڪلاڪ لڳيو وڃن، جيئن گذريل ڏينهن واري برسات دوران ٿيو آهي، جنهن ۾ رڳو حيدرآباد جي پرپاسي واري علائقن جا 131 فيڊرن مان 91 فيڊر ٽرپ ٿي ويا ۽ ٻارنهن ڪلاڪ گذرڻ باوجود به پوريءَ ريت بجليءَ جي بحالي ممڪن ٿي نه سگهي. بجلي جي بندش جي ڪري ميونسپل سهولتون به معطل ٿي ويون. حيسڪو ترجمان موجب حيسڪو ريجن جي 14 ضلعن ۾ ڪُل 630 فيڊر آهن جن مان برسات سبب 286 فيڊرن تي بجلي بند ٿي وئي. نه صرف حيدرآباد ۽ ان جي پرپاسي واري علائقن ۾، پر سانگهڙ، نوابشاهه، عمرڪوٽ ۽ ٿرپارڪر ضلعن ۾ پڻ بجلي بند ٿي وئي.

سنڌ ۾ جڏهن ٿورڙي برسات پوي ٿي ته بجلي ڪمپنين جا فيڊر ٽرپ ٿيو وڃن ۽ بجلي جي فراهمي بند ٿيو وڃي. برسات ڪجهه سرس پوي ٿي ته وري پاڻي جي نيڪال جو به مسئلو ٿيو پوي ۽ برساتي پاڻي جو نيڪال بنا تعطل جي بجلي جي وهڪ جي ممڪن ناهي. عوام ڪان بلن جي مد ۾ رهيل رقم، بقايا انهن ڪان تذليل ڪري ورتي وڃي ٿي پر ٻئي پاسي اهي ڪمپنيون پنهنجي انفرا اسٽرڪچر کي بهتر ڪرڻ ۽ واهپيدارن کي بهتر سروسز جي فراهمي ۾ ناڪام ويون آهن. بجليءَ جي بندش جي ڪري سموريون شهري سهولتون معطل ٿي وڃن ٿيون. پاڻيءَ جي سپلاءِ بند ٿي وڃي ٿي. بجلي نه هئڻ ڪري ڊرينيج سسٽم ڪم نٿو ڪري، جنهن ڪري گٽر اٿلي ٿا پون ۽ وسنديون غلاظت ۽ بدبوءِ جي پاڪرن ۾ اچيو وڃن. پر مجال آهي جو ماڻهن جو جيئڻ جنجال بڻائيندڙ بجلي ڪمپنين جي وس وارن کان پڇاڻو ڪيو وڃي! هن جديد دور ۾ ميونسپل سهولتن کان وٺي صنعت ۽ ڪاروبار تائين هر ڪرت ۽ سهولت بجليءَ جي وهڪ تي آڌاريل آهي. پيئڻ جي پاڻيءَ جي فراهميءَ کان وٺي گندي پاڻيءَ جي نڪاسيءَ جي نظام تائين بجليءَ جي موجودگيءَ سان مشروط آهن. سنڌ ۾ جڏهن 12_12 ڪلاڪ بجلي بند رهندي ته اهو سمجهڻ مشڪل ناهي ته عوام کي ڪهڙيون ميونسپل سهولتون ملنديون ۽ صنعت ۽ ڪاروبار ڪهڙي ترقي ڪري سگهندا. برساتن ۾ پڻ بجلي ڪمپنين کي پابند بڻايو وڃي ته اهي بنا ڪنهن رنڊڪ جي بجلي فراهميءَ کي يقيني بڻائين ته جيئن ميونسپل سهولتن ۾ رخنو نه پوي. معمولي مينهن جي ڪري به حيسڪو جا ايترا فيڊر ٽرپ ٿيڻ مان ان انفرا اسٽرڪچر جي خراب حالت ۽ سروسز جي معيار جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. برسات ته پري جي ڳالهه آهي، ماڪ پوڻ سان به فيڊر ٽرپ ٿي ويندا آهن. جڏهن ڌنڌ يا ڪوهيڙو هوندو آهي ته پڻ فيڊر ٽرپ ٿي ويندا آهن. بجلي ڪمپنين جي ڪارڪردگي ڇو نٿي بهتر ٿئي؟ ڇو نٿو انفرا اسٽرڪچر کي بهتر بڻايو وڃي؟ دنيا جي سڌريل ملڪن ۾ بنا تعطل ۽ رخني جي بجلي جي فراهمي واري نظام مان سکڻ جي ڪوشش ڇو نٿي ڪئي وڃي؟ فيڊر ته ٽرپ ٿين ٿا پر حد ته اها آهي جو انهن جي بحالي ۾ ٻارنهن ٻارنهن ڪلاڪن جو وقت لڳيو وڃي! بحاليءَ وارو وقت گهٽائي عوام جي اهنجن ۾ ڪمي آڻي سگهجي ٿي. فيڊر ته ٽرپ ٿين ٿا پر لڳي ائين ٿو ته پنهنجي ڪارڪردگي جي حساب سان بجلي ڪمپنيون به ٽرپ ٿيو وڃن. هن جديد دور ۾ به ٽيڪنيڪل لحاظ کان ايترو پوئتي هجڻ انتهائي حيرت جوڳي ڳالهه آهي. سنڌ جي بجلي ڪمپنين جي ڪارڪردگي کي بهتر ڪرڻ جي ضرورت آهي. فيڊر ٽرپ ٿيڻ کانپوءِ بجليءَ جي بحالي ۾ ايڏو وڏو وقت لڳي وڃڻ واري نااهلي عوام کي آزارڻ ناهي ته ٻيو ڇا آهي؟

پٽي جي ٽين پيڙهي ۽ حڪمت جي گهرج

تحرير: امتياز عالم

بلاول ڀٽو نئين نسل جي نمائندگي ڪندي "بابنڪي فارغ ڪريو" جو نعرو ڇا هنيو جنهن تي ٿرٿلو اچان مچڻ ٿي شروع ٿيو هو جو جهانديده والد جي پدري رڳ ڦڙڪي پئي ۽ هن بلاول جي نئين بيانيئي جي ڦوڪٽي مان هوا ڪڍڻ ۾ دير ئي نه ڪئي. اهو ڪو ذاتي جهڳڙو نه هو، رڳو نقطه نظر جو اختلاف هو. بلاول پنهنجي ماءُ محترمه بينظير ڀٽو جي رستي تي هلڻ چاهي پيو ته زخم کاڌل آصف زرداري عمليت پسنديءَ کي نظر ۾ رکندي پنهنجي آخري مورچي سنڌ کي بچائڻ جي فڪر ۾ آهي. هاڻي سوال اهو آهي ته پيپلز پارٽي پنهنجي سياسي مستقبل جو فڪر ڪري. ڀلي سنڌ به هٿ مان نڪري وڃي يا وري مقبوليت حاصل ڪرڻ بدران قبوليت جي سياست اختيار ڪري. سطحي طور تي ان کي گڊ ڪاپ، بيڊ ڪاپ جو نالو ڏنو پيو وڃي. پر آصف زرداري سمجهي ويو آهي ته سنڌ ۾ به سنڌس خلاف محاذ گرم ڪيو ويو آهي، جنهن کي بچائڻ لاءِ هو ڪنهن به حد تائين وڃي سگهي ٿو. جڏهن ته بلاول ڀٽو زرداري عوامي مقبوليت جي زور تي ٻيهر پيپلزپارٽي کي فعال ڪرڻ تي اصرار ڪري رهيو آهي.

ڀٽو جي تاريخ به ڏاڍي هنگامه خيز رهي آهي. ذوالفقار علي ڀٽو پنهنجي والد شاهنواز ڀٽو کان بلڪل مختلف ۽ جذباتي طور تي پنهنجي ماءُ جي وڌيڪ ويجهو هو. غريبن سان وابستگي هن کي پنهنجي ماءُ کان ورثي ۾ ملي هئي. فقط 51 سالن جي ڄمار ۾ هو وڏا ڪارناما ۽ هنگاما برپا ڪري ويو. ٽيهن سالن جي ننڍي عمر ۾ وزير بڻجڻ ۽ ڪامياب پرڏيهي وزير رهڻ بعد هن پنهنجي باس خلاف بغاوت ڪئي ۽ ايندڙ ٽن سالن ۾ اولهه پاڪستان جي پهرين وڏي پارٽي بڻائي ڪري. 1968ع جي عوامي تحريڪ جي زور تي ايوب آمريت جي طاقتور بت کي ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيو ۽ چونڊن ۾ وڏا وڏا برج ڊاهي ڪري. پهريون چونڊيل صدر ۽ ڪامياب وزيراعظم رهڻ کان پوءِ 51 سالن جي عمر ۾ شهادت جو جام نوش ڪري پنهنجو نالو تاريخ جي صفحن ۾ لکائي دنيا مان ڪوچ ڪري ويو. سنڌس ٻنهي پٽن فخر جوڳي والد جي لڄ رکڻ جي جهد ۾ قربان ٿي ويا.

بهرحال بينظير ڀٽو پنهنجي حڪمت، بردباري، ذهانت ۽ حوصلہ مندي سان پيءُ جي روايت کي هڪ نئين جمهوري جلا بخشي. بدلجندڙ وقت کي سمجهندي بي بي شهيد پيپلز پارٽيءَ کي جتي الذوالفقار جي شدت پسنديءَ کان پري رکيو اتي سماجي آزاد خيالي يعني سوشل لبرل ازم ۽ جمهوري رواداري ۽ پاسداريءَ کي هٿي ڏني ۽ عوامي حمايت سان جنرل ضياءُ الحق جي فوجي آمريت خلاف ڏکي جمهوري جدوجهد کي اڳتي وڌايو. پر مقتدره هن کي هلڻ نه ڏنو ۽ هن جي ٻنهي حڪومتن کي چلتو ڪيو. پوءِ هن پنهنجي سڀ کان وڏي حريف نواز شريف سان ميثاق جمهوريت ڪيو ۽ 15 سالن تائين پارلياماني تسلسل کي بنياد فراهم ڪيو. هوءَ آخرڪار جنرل مشرف جي آمريت ۽ دهشتگرديءَ خلاف آواز اٿارڻ جي ڏوهه ۾ شهيد ڪئي وئي. بي نظير ڀٽو جي شهادت تي آصف علي زرداري پاڪستان "ڪپي" جو نعرو لڳائي پاڪستان بچايو پر پيپلزپارٽي کي عمليت پسنديءَ جي راهه تي آڻي ڇڏيو. ڀٽو جي ڏکوئيندڙ پڇاڙيءَ مان سبق سکندي آصف زرداري جمهوري ٽرنزيشن کي وڏي هوشياري سان اڳتي وڌايو. سنڌس وڏي ۾ وڏي ڪاميابي ارڙهين ترميم ۽ اين ايف سي ايوارڊ هئي. هن سي پيڪ جي راهه هموار ڪئي. گوادر بندرگاهه جو انتظام چين جي حوالي ڪيو ۽ ايران سان گئس پائيپ لائين معاهدي کي عملي شڪل ڏني. پر پوءِ ميموگيٽ جي شڪل ۾ مقتدره سان سنڌس ٽڪرار سامهون اچي ويو ۽ پيپلزپارٽيءَ جي جاءِ تي تحريڪ انصاف اچي وئي. پنجاب ۾ تحريڪ انصاف جي مقبوليت خود آصف زرداري جي ان عقلمنديءَ سان به وڌي. جڏهن هن نواز شريف مخالف سياست جو ميدان عمران خان لاءِ خالي ڪري ڇڏيو.

جيتوڻيڪ آصف زرداري پنهنجي زال بينظير سان تمام گهڻو جذباتي طور جڙيل رهيو. پر بي بي جي عوامي سياست ۽ جمهوري آدرش سان هن خود کي غلاميءَ مان آزاد ڪرڻ بدران بقا ۽ مفاهمت جي سياست جو رستو اختيار ڪيو. ايتري تائين جو هن بينظير جي تهذيبن ۾ سرجاءِ جي عالمي نظريي کي مقتدره ۽ حريف سياسي قوتن ۾ صلح لاءِ استعمال ڪيو. جيڪڏهن بي بي شهيد کي اهو تاريخي شعور هو ته دنيا ۾ سوشلزم جي لهر جهڪي ٿي چڪي آهي ۽ سرد جنگ ختم ٿيڻ واري آهي ۽ هن پنهنجي پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ کي فروغ ڏنو ته آصف علي زرداري، ڀٽو جي انجام ۽ بي بي جي شهادت مان نهايت مختلف نتيجو ڪڍيو ۽ مفاهمت جي غير مقبول سياست ذريعي اقتدار ۾ حصيدار ته بڻيو. پر پيپلزپارٽيءَ جي عوامي حمايت وڃائي ويٺو هاڻي جڏهن بلاول ڀٽو هڪ بالغ سياستدان بڻجي چڪو آهي ۽ هن پاڻ کي هڪ ڪامياب پرڏيهي وزير جي حيثيت سان مڃرايو ورتو آهي ۽ گذريل اسيمبليءَ ۾ هڪ ذهين اپوزيشن ليڊر جي حيثيت سان به پنهنجي شهرت قائم ڪئي آهي ته هاڻي هو پنهنجو رستو پاڻ طئي ڪرڻ چاهي ٿو گهڻو ڪري پاڪستان جي موجوده سياستدانن ۾ بلاول سڀ کان وڌيڪ جمهوري. لبرل ۽ تعليم يافته نوجوان سياستدان آهي. جيڪو ڪڏهن ڪڏهن سوشل جمهوريت ڏانهن رجحان جو اظهار ڪري ٿو. دلچسپ ڳالهه اها آهي ته پيپلز پارٽيءَ جي جيالن ۽ ماڻهن جي دلين ۾ ڀٽو جي يادن کي اهو ئي گرمائي سگهي ٿو. پر مان حيران آهيان ته جڏهن به بلاول ڪو پاپولر ۽ عوامي بيانيو ڏئي ٿو ته پراڻي شفقت کان مجبور آصف زرداري پنهنجي نرينه اولاد جي سلامتي لاءِ پريشان ٿي ڪري ان عوامي بيانيئي جي هوا ڪڍي ٿو ڇڏي. 35 ورهين جو بلاول ڀٽو هاڻي نه ته ٻار رهيو آهي ۽ نه ئي پنهنجي پيءُ جي غير نظرياتي عمليت پسنديءَ کان متاثر آهي. هو سياست ۾ پنهنجو مقام خود پيدا ڪرڻ چاهي ٿو.

جيئن سنڌس والده پنهنجو رستو پاڻ چونڊيو هو. يقيناً پنهنجي پٽ جي سلامتي جي لاءِ زرداري صاحب جي فڪرمندي جائز آهي ۽ هو پنهنجي سياسي جوڙتوڙ سان ايندڙ بندوبست ۾ پنهنجي ڪا جاءِ بڻائڻ جي فڪر ۾ آهي ۽ ان جي ڳڻتي ڪرڻ بنا ته پيپلزپارٽي به مسلم ليگ (ن) وانگر ڪنگزپارٽي ٿيڻ جي دوڙ ۾ ڪاهي پئي. هن وقت ملڪ ۾ تحريڪ انصاف جي خلاف مهم هلي رهي آهي ۽ عمران خان کي سياست کان ٻاهر رکڻ لاءِ هائبرڊ نظام دوئم جو ٻج پوکيو پيو وڃي. جنهن ۾ ن ليگ سڀني کان اڳيان نڪري وئي آهي. ته پيپلزپارٽي به ان موقعي پرستي جي چال جي نذر ٿي وڃي. منهنجي خيال ۾ ته سمورن بابن کي نئين نسل جي لاءِ رستو ڇڏي ڏيڻ گهرجي. ڇاڪاڻ جو پنهنجي مار کاڌل پذيرائي جي بحالي جو ڪو امڪان نظر نٿو اچي. ميان نواز شريف کي به پاڻ کان وڌيڪ پاپولر مريم نواز جي رستو ڇڏڻ گهرجي ۽ آصف زرداري کي پڻ بلاول ڀٽو جي آزاد جمهوري سياست کي اڳتي وڌڻ جو موقعو ڏيڻ گهرجي. پيپلز پارٽي پارليامينٽرينز هڪ مجبوري هئي. ٽريل پ پ پ کي پنهنجي منشور سان تلوار جي نشان سان سامهون اچڻ گهرجي. ڪو ته جمهوري ۽ عوام دوست ايجنڊا جو محافظ بڻجي. زمانو بدلجي ويو آهي. نئون نوجوان نسل سامهون اچي ويو آهي ۽ اهو وقت اچي ويو آهي ته هاڻي "نوجوان کي پنهنجي پيرن جو استاد ڪري" 35 ورهين جو بلاول ڀٽو هاڻي نه ته ٻار رهيو آهي ۽ نه ئي پنهنجي پيءُ جي غير نظرياتي عمليت پسنديءَ کان متاثر آهي. هو سياست ۾ پنهنجو مقام خود پيدا ڪرڻ چاهي ٿو. جيئن سنڌس والده پنهنجو رستو پاڻ چونڊيو هو. يقيناً پنهنجي پٽ جي سلامتي جي لاءِ زرداري صاحب جي فڪرمندي جائز آهي ۽ هو پنهنجي سياسي جوڙتوڙ سان ايندڙ بندوبست ۾ پنهنجي ڪا جاءِ بڻائڻ جي ڳڻتي ۾ آهي ۽ ان جي فڪر ڪرڻ بنا ته پيپلزپارٽي به مسلم ليگ (ن) وانگر ڪنگزپارٽي ٿيڻ جي دوڙ ۾ ڪاهي پئي.

پاٻوهي هيڪار، مون ڪان پُڇيو سَڄڻين:
اَلَسْتُ بِرَبِّڪُم، چَيائُون جنهن وارَ:
سَنڌي سورَ ڪِنارَ، تَنَ تَڏهانڪُون نه لهي.

سنڌي ثقافت ۽ اسان

غلام نبي چوهاڻ

جيئن ته سنڌ جي ثقافت تمام گهڻي قديمي لڳ ڀڳ 5000 هزار سالن کان به اڳ جي آهي پر وقت ۽ حالات جي ڪري ۽ اسان وٽ دنيا جي نئين فيشن جي ڪري سنڌي ثقافت جو استعمال تمام گهٽجي ويو هيو سواءِ شادين ۾ جيئن سنڌي بوسڪيءَ جو پٽڪو (پڳ) اجرڪ موڙ گج ڳانا ڪنگڻي ۽ آرسي سرمي نادي کي سينگارڻ سميت جڏهن ته غمي ۾ وري سنڌي اجرڪ جو استعمال لازمي ٿيندو هيو باقي عام رواجي زندگيءَ ۾ سنڌس استعمال تمام گهٽجي ويو هيو سنڌي ٽوپي جنهن جو استعمال پڻ گهٽجي ويو هيو فيشن جي استعمال طور اسان جو نوجوان مٿي اگهاڙي وارن ۾ سينڌ ڪڍي هلڻ کي وڌيڪ ترجيح ڏيڻ لڳو هيو ايئن چوڻ ۾ ڪو به هرج نه ٿيندو ته اسان جو جيڪو نوجوان طبقو هيو اگر سنڌي ٽوپي يا سنڌي اجرڪ شادي ميلي ملاکڙي يا عيد ۾ اگر پائيندو به هيو ته به ثقافت جي لحاظ سان نه بلڪ ان جي محض خوبصورتي جي ڪري پائيندو هيو پر ڪين انهن شين جو سنڌي ثقافت جي اهميت يا افاديت جي خبر نه هئي تقريباً 2008 جي ڳالهه آهي جڏهن پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو ڪو چيئرمن جناب آصف علي زرداري صاحب جن ملڪ جا صدر ٿيا هيا ته ان وقت آصف علي زرداري صاحب جن ايوان صدر ۾ ۽ گڏو گڏ ٻاهرين ملڪ سرڪاري دوري تي سنڌي ٽوپي پائي وڃڻ کي ترجيح ڏني هئي.

باقي ڪنهن ڪيپ وغيره کي اها اهميت نه ڏني هئي. جنهن تي ان وقت پنجاب جي اردو چئينل کي آصف علي زرداري صاحب جن جي سنڌي ٽوپي ايوان صدر ۾ پائي وڃڻ واري ڳالهه ڏاڍي ڏکي لڳي ۽ آصف علي زرداري کي جٽ ڪوٺيو هيو جيڪا ڳالهه اسان جي سنڌي چئينل جي مالڪ خصوص ان وقت کي ٽي اين ڪشش ڪاوش ۽ ڪوشش اخبار جي مالڪ جناب علي قاضي صاحب جن کي ڏاڍي ڏکي لڳي جن قومي غيرت جو مظاهرو ڪندي سنڌ جي ماڻهن ۽ سڀني سنڌ جي پارٽين ۽ قوم پرست تنظيمن کي اپيل ڪندي چيو ته سنڌيو اچو ته ان تعصب پرست اردو چئينل ۽ ان جي مالڪ کي شاهه صاحب جي ان جي بيت جي چرائي ۾ جواب ڏيون جنهن ۾ شاهه لطيف چيو آهي اسان ۽ پرين جون اميدون پسن تيهان پوءِ مرن سڙي انهيءَ سور ۾ نه ئي ڪين بندوق جي گولي سان جواب ڏيون ڇاڪاڻ ته اسان سنڌي پرامن آهيون لطيف جا پيروڪار آهيون انڪري اسانجو جواب به پرامن هئڻ گهرجي پر تشدد نه هجي. انڪري اسان ان ئي ڏينهن ان سال کان هر سال ڊسمبر جي پهرئين آچر تي سنڌي ثقافت ۽ ايڪتا ڊي وڏي چاهه جوش جذبي ۽ شوق سان نچي ڪڏي ملهائيندا رهون ٿا. هاڻ ته پوري دنيا ۾ هر سال ڊسمبر مهيني جو پهريون آچر سنڌي سنڌي يعني سنڌي آچر طور مشهور ٿيڻ لڳو آهي. جنهن ۾ حصو ملائيندي پاڪستان چوهان اتحاد به گڏ گڏ آهي ۽ ڪنهن به حوالي سان پوئتي ناهي ۽ انشاءَ الله جتي سنڌ جون ٻيون تنظيمون به هرسال جيان سنڌ جي ثقافتي ۽ ايڪتا ڏينهن کي اعلانيل موضوع ۽ سنڌ جي مفادن تحت موضوع کان هٽي ڪري بلڪ جنهن ۾ سنڌ جو مفاد ۽ ايڪتا اول ترجيح هوندي ان تحت ملهائينديون ته پاڪستان چوهان اتحاد سنڌ پڻ انشاءَ الله هر سال وانگر هن سال پڻ گڏ گڏ هوندي ۽ سنڌ دشمن ۽ سنڌ مخالف لاءِ للڪار ثابت ٿيندي انشاءَ الله سدائين اهو نعرو هوندو ته جيئي سنڌ ۽ جيئي سنڌي ثقافت.

بقايا *** 01

رڍن کي پڪڙيو وڃي جيڪي عام طور پوليس ۽ خاص ڪري صوبائي حڪومت جي نالي کي بدنام ڪن پيا. اجلاس وزيراعليٰ هائوس ۾ ٿيو جنهن ۾ گهرو وزير برگيڊيئر (ر) حارث نواز، چيف سيڪريٽري ڊاڪٽر فخر عالم، گهرو سيڪريٽري اقبال ميمڻ، آءِ جي پوليس رفعت مختار، ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي خادم رند، ڪمشنر ڪراچي سليم راجپوت، ڊي آءِ جي اسپيشل برانچ، سي ٽي ڊي، سائوٿ، ايسٽ ۽ ويسٽ شرڪت ڪئي جڏهن ته حيدرآباد، سکر، لاڙڪاڻو، ميرپورخاص ۽ شهيد بينظير آباد جا ڪمشنر ۽ ڊي آءِ جيز وڊيو لنڪ ذريعي اجلاس ۾ شرڪت ڪئي. آءِ جي پوليس رفعت مختار وڏي وزير کي صوبي ۾ امن امان جي مجموعي صورتحال تي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته 2023ع ۾ 1660 ماڻهن کي قتل، 232 اغوا ۽ ڀتا خوري جا 155 واقعا رپورٽ ٿيا. هن وڌيڪ چيو ته اغوا جي 229 ڪيسن مان 44 جو تعلق ڪراچي، 3 جو حيدرآباد، هڪ شهيد بينظير آباد، 45 جو سکر ۽ 136 جو لاڙڪاڻي سان تعلق آهي. وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته دهشتگردي تي ضابطو آندو ويو آهي ۽ اڪثر قتل ذاتي دشمني سبب ٿيا آهن. آءِ جي جو چوڻ هو ته حڪمت عملي ۽ ٽارگيٽيڊ آپريشنز سبب پنگ عيوض اغوا ۽ اسٽريٽ ڪرائيم جي واقعن تي ڌيان ڏيڻ تي 90 سيڪڙو گهٽتائي آئي آهي. ڪراچي ۾ ڏوهن ۾ واڌ بابت آءِ جي رفعت مختار چيو ته پرڏيهي شهرين جي واپسي تي ڪراچي پوليس جي ڌيان سبب اسمگلنگ خلاف مهم، بجلي چوري خلاف مهم ۽ اسٽريٽ ڪرائم ۾ اضافو ٿيو آهي. هن وڌيڪ چيو ته منظم ڏوهن ۽ گٽڪا ماوا خلاف پوليس جي ڪارروائي زيرو ٽالرنس آهي. ڏوهن ۾ ملوث پوليس اهلڪارن کي قانون موجب سزا ڏني پئي وڃي. آءِ جي چيو ته سي ٽي ڊي کي ٽاسڪ ڏنو ويو آهي ته هو ٻين ادارن سان گڏيل آپريشن ڪري ته جيئن ڪنهن به امڪاني خطري کان بچي سگهجي. هڪ سوال تي آءِ جي پوليس وڏي وزير کي ٻڌايو ته اليڪشن جي تياري ۽ رٿابندي جاري آهي. آءِ جي سنڌ چيو ته سياسي جلسا ۽ تقريبون شروع ٿي چڪيون آهن ۽ وقت سان گڏ وڌنديون. ۽ وڌيڪ چيو ته وڏي وزير جي پاليسي موجب بنا ڪنهن فرق ۽ هر پارٽي کي برابر جو تحفظ ڏيڻ تحت سڀني کي ايس او پيز ڏنيون ويون آهن. وڏي وزير سان پوليس جي ڪارڪردگيءَ جي حوالي سان آءِ جي پوليس چيو ته سڄي سنڌ ۾ 1831 مقابلا ڪيا ويا، جن ۾ 1080 گينگز کي بي نقاب ڪيو ويو ۽ 11262 دهشتگردن/ ڌاڙيلن کي گرفتار ڪيو ويو. وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته رينجرز جي مدد سان هني ٽريپنگ خلاف موثر ٽارگيٽيڊ آپريشن جاري آهي. ڪراچي: ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي خادم رند وڏي وزير کي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته جنوري کان نومبر 2023ع تائين 537 ماڻهن کي قتل ڪيو ويو، 51 پنگ عيوض اغوا 51 ۽ ڀتاخوري جا 137 ڪيس داخل ٿيا جڏهن ته 316 يعني 61.35 سيڪڙو ڪيس اهڙا آهن جن خلاف 566 جوابدار گرفتار ڪيا ويا. وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته 50.39 سيڪڙو متاثرين جو تعلق ٻين علائقن (مٿئين ملڪ) سان آهي جيڪي پنهنجي آبائي علائقن سان دشمنيءَ سبب ڦالاڻا ڏوهه ڪرڻ کانپوءِ ڪراچي ڇڏي ويا آهن. اسٽريٽ ڪرائم بابت ڳالهائيندي ايڊيشنل آءِ جي چيو ته سيپٽمبر 2023 ۾ 7949 ڪيس داخل ٿيا، آڪٽوبر ۾ ڪيسن جو انگ 7613 ۽ نومبر ۾ گهٽجي 5168 ٿي ويو. ان تي وڏي وزير چيو ته شهر جي عوام کي سرعام ڦريو پيو وڃي ۽ هو پاڻ کي محفوظ نه ٿا سمجهن جيڪا ڳڻتي جوڳي ڳالهه آهي. هن ايڊيشنل آءِ جي کي هدايت ڪئي ته چاهيان ٿو ته توهان پوليس کي وڌيڪ متحرڪ ڪريو ته جيئن اسٽريٽ ڪرائم جي واقعن کي گهٽائي آڻي سگهجي. ايڊيشنل آئي جي ٻڌايو ته آڪٽوبر ۾ موبائل چوري جا 2362 ڪيس ٿيا ۽ نومبر ۾ اهو انگ گهٽجي 1700 ٿي ويو يعني روزانو 74.39 سيڪڙو ڪيس رپورٽ ٿيا جڏهن ته پوليس نومبر ۾ 91 مقابلا ڪيا جن ۾ 120 ڌاڙيل مارجي/ زخمي ٿيا. ڪراچي پوليس چيف چيو ته پهرين جنوري کان 23 نومبر تائين 4689 ڪيس داخل ڪيا ويا جن ۾ 6190 ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو ۽ 63.078 ڪلو هيروئن، 3084.29 ڪلو چرس، 56.562 ڪلو آئيس، 17.121 ڪلو ڪرسٽل ۽ 28.36 ڪلوگرام آفيم هٿ ڪئي وئي. ان تي وڏي وزير چيو ته هتي منشيات پيدا نه هجڻ باوجود سمگلر شهر ۾ سمگل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا آهن. نگران وڏي وزير ڪراچي پوليس کي هدايت ڪئي ته سمگلرز ۽ ڊرگ مافيا جي وڏن ڊيلرن کي گرفتار ڪيو وڃي جنهن لاءِ هن واضح هدايتون پڻ ڏنيون آهن. حيدرآباد: ڊي آءِ جي حيدرآباد طارق ڌاريجو وڏي وزير کي وڊيو لنڪ ذريعي ٻڌايو ته حيدرآباد ڊويزن ۾ 36 منصوبن تي لڳ ڀڳ 300 چائنيز ماڻهو ڪم ڪري رهيا آهن جنهن جي سيڪيورٽي لاءِ ايس پي يو، رينجرز ۽ فوج جي سهڪار سان 1818 سيڪيورٽي اهلڪار مقرر ڪيا ويا آهن جڏهن ته سنڌن چائنيز سيڪيورٽي پڻ مقرر آهي. ڊي آءِ جي ٻڌايو ته سيپٽمبر کان 25 نومبر تائين حيدرآباد ڊويزن پوليس 1763 اسمگلرز کي گرفتار ڪيو ۽ 2311 فرار ٿيلن کي گرفتار ڪيو ۽ پوليس 136 فور ويلر ۽ 205 موٽرسائيڪلون پڻ هٿ ڪيون. سکر: ڊي آءِ جي سکر وڏي وزير کي ٻڌايو ته سنڌس ڊويزن ۾ 82 پوليس اسٽيشنون آهن. وڏي وزير ڊي آءِ جي سکر ۽ لاڙڪاڻو کي هدايت ڪئي ته هو ڌاڙيلن خلاف ڪارروائي تي ڌيان ڏين. ڊي آئي جي چيو ته اسان اڃا تائين انهن کي ختم نه ڪيو آهي ۽ اسان انتظار ۾ آهيون ته درياهه ۾ پاڻي جي سطح هيٺ اچي ته ڪارروائي شروع ڪجي. ميرپورخاص: ڊي آءِ جي ميرپورخاص تنوير عالم اوڊو وڏي وزير کي بريفنگ ڏيندي چيو ته ميرپورخاص، عمرڪوٽ ۽ ٿرپارڪر جا ٽي ضلعا سنڌن رينج ۾ شامل آهن. هن وڌيڪ چيو ته سنڌس ڊويزن ۾ ڏوهن جي شرح ٻين ڊويزنن جي ڀيٽ ۾ گهٽ آهي. وڏي وزير ڊي آءِ جي کي هدايت ڪئي ته ڊرگ مافيا خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي جيڪو سنڌس سموري پوليس فورس لاءِ اسٽينڊنگ آرڊر آهي. هن شهيد بينظير آباد پوليس کي پڻ ساڳيون هدايتون جاري ڪيون.

بقايا *** 02

باقر سومر ڏينهن کي ڪي ايم سي اسپورٽس ڪامپليڪس ۾ پاڪستان ويل چيئر ڪرڪيٽ ٽيم ڪپ 2023ع جي شاندار ڪاميابي تي غير سرڪاري تنظيم سپورٽ ٽرسٽ پاران ڪوٺايل پروگرام کي خطاب ڪندي ڪيو. هن چيو ته اسان جي معذور دوستن پنهنجي ناقابل عزم سان پنهنجي قابليت جي فتح جو مثال ڏنو هن ڪاميابي ذريعي اسان کي سيکاريو ته انساني صلاحيت لامحدود آهي ۽ اهي حدون فقط پنهنجين سوچ آهر ئي محدود آهن. جسٽس باقر چيو ته اسان جي خوش قسمتي آهي ته اسان اهڙن ماڻهن ۾ شامل آهيون جيڪي خاص ماڻهن لاءِ راندين جو ميدان سجائي سماج جي هڪ مائڪ_ڪوزم. هنر ۽ صلاحيتن جي نمائندگي ڪن ٿا ۽ اهوئي تصور اسان کي مضبوط ۽ منفرد ماڻهو بڻائي ٿو ۽ اسان کي انهن ڏانهن ڌيان ڇڪرايو جيڪي منفرد چئلينجن کي منهن ڏين ٿا پر اهي پنهنجي برادريءَ. معذور ڀائرن ۽ ڀينرن لاءِ انمول آهن. وڏي وزير چيو ته اها اسان جي گڏيل ذميواري آهي ته هڪ بهترين سماج جي پرورش ڪريون جتي هر فرد پنهنجي قابليت ڪانسواءِ پنهنجي سڃاڻپ جو احساس ڪري. هن چيو ته خاص ماڻهن جي ڪميونٽي کي ڪمزور يا پٺتي پيل نه سمجهڻ گهرجي بلڪ انهن کي پنهنجي منفرد خوبين ۽ ذهني صلاحيتن جو مالڪ سمجهڻ گهرجي. ۽ وڌيڪ چيو ته اهي اسان جي سماج جو هڪ لازمي حصو آهن جيڪي اسان جي گڏيل ڪوشش جو ڀاڳي پائيدار آهن. جسٽس باقر جو چوڻ هو ته معذورن جي صلاحيتن کي سڃاڻڻ سان ئي اسان لامحدود امڪانن جا دروازا کوليندا آهيون. هن وڌيڪ چيو ته شفقت، مفاهمت ۽ تعاون ذريعي اسان هڪ اهڙو ماحول پيدا ڪري سگهون ٿا جتي هر ڪنهن کي ترقي ڪرڻ جو موقعو هجي. جسماني ۽ سماجي رڪاوٽن جي زنجيرن کي ٽوڙي، تعليم ۽ روزگار تائين برابري جي رسائي فراهم ڪرڻ ۽ سڀ کان اهم ڳالهه اها ته چڱائين کي اجاگر ڪرڻ جي ثقافت کي هٿي وٺرائڻ شامل آهي. جسٽس باقر چيو ته اسان جي سماج جي هر ڪنڊ ڪڙڇ ۾ هيرو موجود آهن جهڙوڪ ڊاڪٽر اديب رضوي، ڪشور باجي ۽ جاويد رئيس جهڙا نالا آهن جيڪي مثبت تبديلي آڻڻ ۽ ان کي يقيني بڻايو ته ڪو به پوئتي نه رهجي. وڏي وزير چيو ته ڪجهه اين جي اوز سماجي تبديليءَ ۾ ڪرنگهي جي هڏي مثل آهن. هن چيو ته ڪامياب ماڻهو اهي آهن جيڪي عمل کي شفقت ۽ ٻاجهه ۾ تبديل ڪن ٿا. هن وڌيڪ چيو ته معذور ماڻهن جي بهتري لاءِ ڪم ڪندڙ اين جي اوز انسانيت جي جذبي جو بهترين مثال آهن. وڏي وزير چيو ته هن غير معمولي ڪرڪيٽ ٽيم جي شاندار ڪاميابين تي جشن ملهائڻ لاءِ هتي اچڻ فخر جي ڳالهه آهي. هن چيو ته اڄوڪو ڏينهن نه رڳو راندين جي فتح جو ڏينهن آهي پر عزم ۽ حوصلي جي تاريخ رقم ڪرڻ جو ڏينهن پڻ آهي ان موقعي تي هن خصوصي فردن جي ڪرڪيٽ ٽيم کي مبارڪباد ڏني جنهن ايشيا ڪپ 2023 کٽي جيڪو اسان جي گڏيل ڪوشش جي علامت جو سبب بڻي. هن چيو ته توهان جون ڪاميابيون اسان سڀني لاءِ مشعل راهه آهن ته اسان مضبوط عقيدي، ٽيم ورڪ ۽ جذبي سان ڪنهن به مصيبت کي منهن ڏئي سگهون ٿا.

بقايا *** 03

7 زخمي ٿي پيا. جڏهن ته 3 فوجي جوان به حملي ۾ زخمي ٿيا آهن. خيبرپختونخواهه جي علائقي بنون ۾ 26 نومبر تي آپگهاتي ڌماڪي ۾ افغان شهري ملوث نڪتو جاري ڪيل بيان موجب آپگهاتي بمبار جي سڃاڻپ افغان شهري جي طور تي آهي جيڪو حافظ گل بهادر گروپ ۾ شامل هو. دهشتگرد جو نالو رابن الله ولد خانور گل جڏهن ته ان جو تذڪره نمبر 08916164 آهي. رابن الله 26 نومبر تي افغان سڃاڻپ ڪارڊ تي پاڪستان ۾ داخل ٿيو هو. بيان ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته علائقي ۾ موجود ٻين دهشتگردن جي خاتمي لاءِ آپريشن جاري آهي. پاڪستان جي سيڪيورٽي فورسز دهشتگردي جي لعنت ختم ڪرڻ جي لاءِ پرعزم آهي.

بقايا *** 04

جيو ويو آهي ته همايون دلاور کي 3 سالن لاءِ اسپيشل جج سينٽرل مقرر ڪيو ويو آهي. هو سياڻي کان فرض انجام ڏيندو ذريعن جو چوڻ آهي ته اسپيشل جج سينٽرل 2 لاءِ عدالتي ڪمرو جوڊيشل ڪامپليڪس ۾ تيار ڪيو ويو آهي. همايون دلاور ايف آءِ اي ۽ سائبر ڪرائم بابت ڪيسن جي ٻڌڻي ڪندو

بقايا *** 05

ڪيو ويندو. ياد رهي ته فيض آباد ڌرڻي وقت شاهد خاقان عباسي وزيراعظم هو. آگسٽ 2017ع کان 31 مئي 2018ع تائين وزيراعظم رهيو جڏهن ته انڪوائري ڪميشن اڳوڻي آءِ جي اختر علي شاهه جي سربراهي ۾ قائم ڪئي وئي آهي.

بقايا *** 06

شهزاد اڪبر سوشل ميڊيا تي جاري ڪيل بيان ۾ لکيو ته گذريل رات مون تي حملو ڪيو ويو. انجاتل ماڻهن تيزاب سان حملو ڪيو. حملو برطانيا ۾ منهنجي رهائشگاهه تي ڪيو ويو. جتي مان جلاوطني جي زندگي گهاري رهيو آهيان. هن چيو ته پوليس ۽ ايمرجنسي سروسز وقت تي پهچي ويون هيون. شڪر آ ته منهنجي گهرواري ۽ ٻار محفوظ رهيا پر مون کي ڪجهه زخم آيا آهن. سنڌس چوڻ هو ته منهنجي حالت خطري کان ٻاهر آهي ۽ مان اهڙن حملن کان نه گهٻرائيندس.

بقايا *** 07

موجب 1100 رپيا واڌ ڪانپوءِ ملڪ ۾ في تولي سون جي قيمت 2 لک 17 هزار 600 رپيا ٿي وئي هي. اهڙي ريت ڏهه گرام سون 933 رپيا مهانگو ٿيڻ کانپوءِ هڪ لک 86 هزار 577 رپين جو ٿي ويو آهي. عالمي مارڪيٽ ۾ سون جو اگهه 8 ڊالر واڌ سان 2 هزار 30 ڊالر في اونس ٿي ويو آهي.

بقايا *** 08

ڇڏي آهي. نگران گهرو وزير سرفراز احمد بگٽي آپگهاتي حملي ۾ ٻن شهرين جي شهادت تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو. هن چيو ته شهيدن جي گهر ڀاتين سان ڏک جي هن گهڙي ۾ برابر جا شريڪ آهيون. زخمي سيڪيورٽي اهلڪارن ۽ شهرين جي جلد صحتيابي جي لاءِ دعاگو آهيون. سرفراز احمد بگٽي چيو ته زخمين کي بهترين طبي سهولتون ڏنيون وينديون. سيڪيورٽي فورسز دهشتگردي جي مڪمل خاتمي لاءِ پرعزم آهي. سيڪيورٽي فورسز ۽ شهرين تي حملو ڪندڙ دهشتگرد ڪنهن به رعايت جا مستحق نه آهن.

بقايا *** 09

بئنڪ ۾ ڊالر مهانگو ٿي ويو ڪاروباري هفتي جي پهرئين ڏينهن انٽر بئنڪ ۾ ڊالر 27 پئسا واڌ سان 285 رپين 64 پئسن تي بند ٿيو. هوڏانهن اوپن مارڪيٽ ۾ به ڊالر جي قدر ۾ واڌ ڏٺي وئي آهي. اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر 50 پئسا مهانگو ٿي 287 رپين ۾ وڪرو ٿي رهيو آهي.

بقايا *** 10

فيصلو محفوظ ڪري ورتو. جسٽس شاهد بلال حسن نگران وزيراعظم کي عهدي تان هٽائڻ جي داخل ڪيل درخواست تي ٻڌڻي ڪئي، درخواستگذار جو چوڻ آهي ته نگران وزيراعظم جي مقرري 90 ڏينهن مڪمل ٿيڻ کان پوءِ غير موثر ٿي چڪي آهي. آئيني طور تي انوارالحق ڪاڪڙ نگران وزيراعظم نه رهيو آهي ان ڪري عدالت نگران وزيراعظم کي عهدي تان هٽائڻ جا حڪم جاري ڪري. ٻئي طرف وفاقي حڪومت جي وڪيل درخواست کي نه ٻڌڻ جوڳو قرار ڏيڻ جي استدعا ڪندي چيو ته اهڙي نوعيت جو معاملو سپريم ڪورٽ ۾ ٻڌڻي هيٺ آهي. جنهن کان پوءِ لاهور هاءِ ڪورٽ ڌرين جا دليل ٻڌڻ کان پوءِ درخواست جي ٻڌڻ جوڳي هجڻ يا نه هجڻ تي فيصلو محفوظ ڪري ورتو آهي.

بقايا *** 11

ملين پائونڊ ڪرپشن ڪيس ۾ نيب ريفرنس تي ٻڌڻي ڪئي. جنهن ۾ نيب ٽيم عدالت کي پي ٽي آءِ چيئرمين کان 23 کان 26 نومبر تائين ڪيل جاچ کان آگاهه ڪيو. ٻڌڻي دوران نيب ٽيم عمران خان جي وڌيڪ جسماني ريمانڊ جي اپيل ڪئي. جنهن کي عدالت رد ڪندي عمران خان کي جوڊيشل ريمانڊ تي جيل موڪلي ڇڏيو.

بقايا *** 12

حليم عادل شيخ چيو ته چيف جسٽس قاضي فائز مان اميدون آهن. اسان ادارن سان گڏ آهيون. هن چيو ته ايندڙ اليڪشن ۾ سڄي سنڌ جي سمورن ٽڪن تي اميدوار بيهاريا ويندا. ڦورو ڊي ايس پي کي پروٽوڪول ڏنو پيو وڃي پر اسان تي پابنديون مڙهيون پيون وڃن

بقايا *** 13

ڇڏيو. پاڪستان بار ڪائونسل طرفان جاري ڪيل پڌرنائيءَ ۾ چيو ويو آهي ته چيف جسٽس آف پاڪستان جاچ ڪانپوءِ سنڌ هاءِ ڪورٽ خلاف مناسب ڪارروائي ڪري. مشاهدي ۾ آيو آهي ته پاڪستان بار جي فيصلن خلاف سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪيس ٻڌي رهي آهي. سنڌ هاءِ ڪورٽ سميت ڪا صوبائي هاءِ ڪورٽ پاڪستان بار ڪائونسل جي فيصلن جو جائزو نٿي وٺي سگهي. پڌرنائيءَ ۾ چيو ويو ته پاڪستان بار ڪائونسل وڪيلن جي معاملن بابت هڪ قانوني ادارو آهي. پاڪستان بار ڪائونسل جي فيصلن جو رڳو اسلام آباد جون عدالتون جائزو وٺي سگهن ٿيون. پڌرنائيءَ موجب پاڪستان بار ڪائونسل ۽ ان جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جي فيصلن کي قانوني تحفظ حاصل آهي. من پسند ماڻهن کي نوازڻ لاءِ سنڌ هاءِ ڪورٽ غير قانوني طريقي سان ڪيس ٻڌي رهي آهي.

بقايا *** 14

کي پوليو جا ڦڙا پيارڻ واري مهم جو افتتاح ڪيو. ان موقعي تي ڊي جي آءِ ايڇ اي سي نعمان احسن، ڊي سي سائوٿ الطاف ساريو، اسسٽنٽ ڪمشنر صدر زارا زاهد ۽ ٻارن جا والدين پڻ موجود هئا. گورنر سنڌ چيو ته پوليو مهم کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ سمورا اسٽيڪ هولڊر هر قسم جي سهڪار جي فراهمي کي يقيني بڻائن ۽ وڏ کان وڏ ٻارن کي پوليو جا ڦڙا پيارڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن. هن چيو ته پوليو هڪ موذي مرض آهي جيڪو ٻارن جي زندگي کي معذور بڻائي ٿو ان ڪري اها اسان سڀني جي ذميواري آهي ته پوليو جي هن مهم کي ڪامياب بڻائي پنهنجي ٻارن کي پوليو جهڙي موذي مرض کان بچائي سگهون.

بقايا *** 15

اسٽيبلشمينٽ جا ماڻهو آهيون ۽ اسٽيبلشمينٽ اسان سان گڏ آهي اهو ووٽ کي عزت ڏيو جو نه پر پارٽي جو مسئلو آهي. پ پ اڳواڻ چيو ته اسان نظرياتي سياست ڪندا آهيون ۽ اسان جي اڳواڻن جيڪي واعدا ڪيا اهي مڪمل ڪيا آهن. ڪابه ٻئي پارٽي ٻڌائي ته انهن پنهنجي منشور تي عمل ڪيو آهي. خورشيد شاهه وڌيڪ چيو ته ايم ڪيو ايم اقتدار ۾ رهي هاڻ ووٽ لاءِ وڃي وڃي رهي آهي ته ڪجهه ڊرامو ته ڪندي ڪراچي اسان جو ۽ اسان ڪراچي جا آهيون. ڳالهين دوران خورشيد شاهه صاف شفاف چونڊن کي اليڪشن ڪميشن لاءِ چيلينج قرار ڏئي ڇڏيو

بقايا *** 16

آءِ اڳواڻ حسان نيازي کي فرار ڪرائڻ جي ڪيس بابت درخواست جي ٻڌڻي ٿي. جوڊيشل مئجسٽريٽ جوابدار حسان نيازي کي فرار ڪرائڻ جي ڪيس ۾ استحڪام پاڪستان پارٽي جي اڳواڻ علي زيدي کي اشتهاري قرار ڏيندي سنڌس خاڪا لڳائڻ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو عدالت جاچ آفيسر کي جوابدار جي قانوني ۽ غير قانوني ملڪيت جا تفصيل به طلب ڪري ورتا. جڏهن ته ڪيس ۾ نامزد حليم عادل شيخ به ٻڌڻي دوران عدالت ۾ پيش ٿيو عدالت حليم عادل تي فرد جرم لاڳو ڪرڻ لاءِ 9 ڊسمبر جي تاريخ مقرر ڪري ڇڏي.

بقايا *** 17

وڌيڪ لاٿ رڪارڊ ڪئي وئي آهي. روسي تيل جي في بيرل قيمت 60 ڊالرن کان به هيٺ اچي وئي آهي. يورپي يونين طرفان روسي تيل جي 60 ڊالر في بيرل جي حد مقرر ڪئي وئي آهي پر مارڪيٽ ۾ روسي تيل جي قيمت مقرر حد کان به هيٺ هلي وئي آهي. هوڏانهن عالمي مارڪيٽ ۾ برطانوي برينٽ جا سودا هڪ سيڪڙو گهٽتائي سان 80.58 ڊالر في بيرل. جڏهن ته آمريڪي ويسٽ ٽيڪساس انٽرميڊيٽ جا سودا به سيڪڙو گهٽتائي سان 75.54 ڊالر في بيرل تي ٿيا. عالمي مارڪيٽ ۾ ڪچي تيل جي اگهن ۾ گهٽتائي کي ڏسندي پاڪستان ۾ به پيٽروليم شين جي اگهن ۾ وڏي لاٿ جو امڪان ظاهر ڪيو پيو وڃي. ايندڙ 15 ڏينهن لاءِ پيٽروليم شين جي اگهن جو حتمي اعلان وزيراعظم جي منظوري سان ڪيو ويندو. واضح رهي ته حڪومت 16 نومبر کان به پيٽروليم شين جي اگهن ۾ گهٽتائي ڪئي هئي.

بقايا *** 18

ڳواڻ مريم اورنگزيب جا ضمانت نه ٿيڻ جوڳا گرفتاري وارنٽ جاري ڪري ڇڏيا. گرفتاري وارنٽ جج عبهر گل جاري ڪيا ۽ لاڳاپيل حد جي ٿاڻي جي ايس ايڇ او کي وارنٽ تي عمل ڪرائڻ جي هدايت ڏئي ڇڏي. جج مريم اورنگزيب کي 9 ڊسمبر تي گرفتار ڪري پيش ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي. ياد رهي ته مريم اورنگزيب سميت ٻين جي خلاف ڇڙ ڏيارينڊڙ ڳالهين جو ڪيس داخل آهي. پوليس مريم اورنگزيب، جاويد لطيف سميت ٻين جي خلاف ڪيس داخل ڪري رکيو آهي.

بقايا *** 19

، موسميات کاتي موجب شهر جو گهٽ کان گهٽ پارو 18.4 ڊگري سينٽي گريڊ رڪارڊ ڪيو ويو. موسميات کاتي جو چوڻ آهي ته ٿڌ اڃا وڌندي. شهر جو گهٽ کان گهٽ پارو 15 ڊگري تائين وڃڻ جو امڪان آهي. موسميات کاتي موجب ڪراچي ۾ ڊسمبر ۾ به برسات جا هڪ کان ٻه اسپيل اچڻ جو امڪان آهي. جڏهن ته هن سال سياري جي شدت گذريل سال جي ڀيٽ ۾ گهٽ رهڻ جو امڪان آهي.

بقايا *** 20

ڪانگو وائرس کان بچاءُ لاءِ اينٽي پئرسٽڪ انجيڪشن لڳائي پئي وڃي ۽ مالوند ماڻهن کي آگاهي پڻ ڏني پئي وڃي. هن چيو ته ڪانگو وائرس بابت 33 ڳوٺن ۾ آگاهي سيشن منعقد ڪيا ويا آهن. ان کان علاوه مٺي، ڊيپلو، اسلام ڪوٽ جي چرپايو مال پڙين ۾ 09 آگاهي سيشن منعقد ڪري انهن سمورن جانورن تي اسپري ڪيو ويو آهي ۽ 597 جانورن کي اينٽي پئرسٽڪ انجيڪشن پڻ لڳائي وئي آهي. هن چيو ته جانورن جي 13 فارمن جو دورو پڻ ڪيو ويو جتي مال مالڪن کي ڪانگو وائرس بابت آگاهي ڏني وئي ۽ فارمن سميت جانورن تي اسپري پڻ ڪيو ويو. هن وڌيڪ ٻڌايو ته لائيو اسٽاڪ کاتي ٿرپارڪر جون ٽيمون روزاني جي بنياد تي مختلف هنڌن جو دورو ڪري رهيون آهن ۽ ڪانگو وائرس جي آگاهي سان گڏ مختلف موذي مرضن کان بچڻ لاءِ ويڪسينيشن پڻ ڪئي پئي وڃي.

بقايا *** 21

جي آزادي جي تصديق ڪري ڇڏي آهي. 13 اسرائيلي يرغمالين ۾ ٻٽي شهرت رکندڙ چئن سالن جي آمريڪي ڇوڪري سميت 9 ٻار ۽ 4 عورتون شامل آهن. ان کان اڳ به يرغمالين جي ٻن گروپن کي ڏکڻ غزه ۾ ريڊ ڪراس جي حوالي ڪيو ويو هو ٻئي پاسي آمريڪي صدر جوبائيڊن يرغمالين ۾ هڪ چئن سالن جي ٻارڙي جي آزادي ٿيڻ جي به تصديق ڪري ڇڏي آهي. حماس طرفان 3 ٿائي شهرين سميت هڪ روسي شهري کي به آزاد ڪيو ويو آهي. ٻئي طرف معاهدي جي تحت حماس طرفان اسرائيلي يرغمالين کي آزاد ڪرڻ جي بدلي ۾ اسرائيل کي به 39 فلسطيني قيدين کي آزاد ڪرڻو پيو آهي. جڏهن ته معاهدي جي تحت امدادي سامان تيل ۽ گيس جي 4 ٽرڪن سميت 20 امدادي ٽرڪ به غزه ۾ داخل ٿي ويا. گڏيل قومن چيو آهي ته اسرائيلي حملن کان پوءِ غزه جي 80 سيڪڙو آبادي بي گهر ٿي وئي آهي. جنهن جو انگ 17 لک کان وڌيڪ آهي. 10 لک کان وڌيڪ فلسطيني، 156 پناهگير ڪيمپن ۾ موجود آهن. اسرائيلي فوج پناهگيرن جي ڪيمپ تي به بمباري ڪري چڪي آهي ياد رهي ته جنگبندي جي ٻئي ڏينهن حماس اسرائيل طرفان معاهدي جي ڀڃڪڙي جو الزام لڳائيندي يرغمالين جي آزادي عارضي طور تي ملتوي ڪري ڇڏي پر بعد ۾ قطر ۽ مصر جي ڪوشش کان پوءِ 13 اسرائيلي ۽ 7 پرڏيهي يرغمالين کي آزاد ڪيو ويو هو جنهن جي بدلي اسرائيل کي به 30 فلسطيني قيدين کي آزاد ڪرڻو پيو هو

بقايا *** 22

آهي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جسٽس ميان گل حسن اورنگزيب فواد چوڌري جي جيل ۾ سهوليتن وڪيلن ۽ گهر ڀاتين سان ملاقات جي اجازت جي درخواست تي ٻڌڻي ڪئي جنهن سلسلي ۾ عدالتي حڪم تي چيف ڪمشنر اسلام آباد، ڪيپٽن (ر) انوارالحق عدالت ۾ پيش ٿيو ۽ درخواست تي عمل ڪرڻ واري رپورٽ جمع ڪرائي ڇڏي. چيف ڪمشنر عدالت کي ٻڌايو ته فواد چوڌري کي جيل ۾ بهتر ڪلاس ڏني وئي آهي. عدالت فواد چوڌري کي گهر واري سان جيل ۾ نويڪلائي ۾ ملاقات ڪرائڻ جي اجازت ڏني ۽ ڪيس جيل مينوئل موجب طبي سهولتون ڏيڻ جو به حڪم ڏئي ڇڏيو آهي. جسٽس ميان گل حسن ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ اڊيالا جيل کان پڇائو ڪيو ته ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ صاحب درخواستگذار جو خيال رکيو وڃي. آصف زرداري ۽ بينظير ڀٽو کي به گهر ڀاتين ۽ وڪيلن سان ملاقات کان روڪيو ويندو هو اهڙا واقعا اوهان جي آفيسرن لاءِ شرمندگي جو سبب بڻجندا آهن.

بقايا *** 23

منافعي لاءِ ذخيرو ڪندڙن خلاف ڪيس داخل ڪري گرفتار ڪيو وڃي. اياز لطيف پليجي چيو ته هڪ ئي رات ۾ ڪروڙ پتي ۽ ارب پتي ٿيڻ لاءِ شين جي هٿرادو کوٽ پيدا ڪئي وڃي ٿي. ضرورت وقت مارڪيٽ مان اوچتو ڪڻڪ گم ڪري اٽو مهانگو ڪيو وڃي ٿو. ڪڏهن کنڊ گم ڪئي وڃي ٿي. ڪڏهن ڪوڪنگ آئل جو کوٽ آهي. ائين کاڌي پيتي جون شيون هٿرادو گم ڪري غريب عوام لاءِ ناجائز مهانگائي وڌائي وڃي ٿو هينئر ڪڻڪ ۽ سورج مکي سميت ٻين فصلن جي پوکائي وقت ٻج ۽ ڀاڻ هٿرادو مهانگو ڪيو ويو آهي. هٿرادو مهانگائي ۾ حڪومتي وڏيرا ۽ واپاري ملوث آهن. جيڪي اربين روپيا ڪمائي اليڪشن ۾ بيهن ٿا ۽ اقتدار ۾ اچي عوام دشمن ۽ سنڌ دشمن فيصلا ڪن ٿا. اياز لطيف پليجي چيو ته ڪڻڪ گم ڪري غريب عوام لاءِ اٽو مهانگو ڪرڻ ۾ پ پ ايم پي اي ۽ ايم اين اي ۽ وزير ملوث آهن. سنڌ جو عوام اليڪشن وقت انهن کان حساب وٺي. عوام دشمن ۽ غريب دشمن نمائندن جو حساب نه ڏيندو ته اهي سنڌ کي لٽيندا ۽ ڦريندا رهندا.

بقايا *** 24

چوڌري سرور مسلم ليگ (ن) ۾ شموليت لاءِ به ڳالهيون ڪيون پر نوازشريف انڪار ڪري ڇڏيو ڇو ته 2014 ۾ عمران خان ۽ قادري جي ناڪام ڌرڻي وقت چوڌري سرور (ن) ليگ کي ڇڏي ويو هو چوڌري محمد سرور هلندڙ سال مارچ ۾ (ق) ليگ ۾ شموليت اختيار ڪئي هئي ۽ کيس پارٽي جو چيف آرگنائيزر بڻايو ويو هو پر هو گذريل ڪيترن مهينن کان اسڪاٽ لينڊ ۾ ترسيل هو هن مسلم ليگ (ق) جي معاملن ۾ ڪنهن به قسم جي ڪابه دلچسپي نه ورتي هئي. ٻن ڀروسي جوڳين ذريعن ٻڌايو ته گذريل ٻن هفتن کان چوڌري سرور اسڪاٽ لينڊ کان سڌو سنڌن پي ٽي آءِ اڳواڻن سان رابطا ڪري رهيو آهي ۽ پي ٽي آءِ ۾ واپسي جي طريقن تي ڳالهيون ڪري رهيو آهي. پي ٽي آءِ جي هڪ سينئر اڳواڻ چيو ته چوڌري سرور پارٽي اڳواڻن سان رابطا ڪري ٻيهر شموليت جي آڇ ڪئي هئي پر پارٽي طرفان اڃان تائين کيس ڪوبه جواب نه ڏنو ويو آهي. چوڌري سرور کي ٻيهر پي ٽي آءِ ۾ شموليت جي اجازت ڏيندڙ عمران خان آهي پر انهي به چٽو ظاهر ڪري ڇڏيو آهي ته هو اهڙن اڳواڻن کي معاف نه ڪندو ۽ نه وري کين وساريندو جنهن مشڪل وقت ۾ مون کي مايوس ڪيو عمران خان ۽ پي ٽي آءِ جي خلاف لابنگ ڪندڙ قبول ڪرڻ جوڳا نه آهن. ذريعن ٻڌايو آهي ته چوڌري سرور ٻيهر پي ٽي آءِ ۾ شامل ٿيڻ چاهيو ٿي پر سنڌس خاندان جي ماڻهن فيصل آباد ۾ پي ٽي آءِ جي ٽڪيٽ تي بيهڻ چاهيو ٿي. مسلم ليگ (ن) جي صفن ۾ ڪابه سيٽ خالي نه آهي ۽ نه وري ڪو ٻيو آپشن آهي. ذريعن اهو به ٻڌايو آهي ته اسڪاٽش ليبر اڳواڻ سرور جي پٽ، انس جو به گلاسگو ۾ اليڪشن ٿيڻ واري آهي ۽ مقامي ٽڪ ۾ پاڪستاني ووٽن جو تعداد وڏو آهي پر جڏهن چوڌري سرور کان ٻيهر پي ٽي آءِ ۾ ٻيهر شموليت جي ڪوشش جي باري ۾ پڇيو ويو ته ان انهي جي ترديد نه ڪئي. چوڌري سرور چيو ته سمورا آپشن دستياب آهن. مختلف معاملن تي ڳالهيون جاري آهن اڃان تائين ڪوبه حتمي فيصلو نه ڪيو آهي جلد ئي حتمي فيصلو ڪندس. هڪ ٻئي باخبر ذريعي ٻڌايو ته اڃان تائين پي ٽي آءِ ان آڇ ۾ ڪابه دلچسپي ظاهر نه ڪئي آهي. پاڪستان ۾ پي ٽي آءِ کي جن حالتن کي منهن ڏيڻو پيو آهي ان تي غور ڪرڻ جو وقت نه آهي. هلندڙ سال مارچ ۾ چوڌري سرور مسلم ليگ (ق) جي صدر چوڌري شجاعت حسين جي موجودگي ۾ (ق) ليگ ۾ شموليت اختيار ڪئي هئي. ڊسمبر 2021 ۾ چوڌري سرور اهو چئي عمران خان جي حڪومت تي تنقيد ڪئي هئي ته پي ٽي آءِ حڪومت سڀ ڪجهه انٽرنيشنل مانيٽري فنڊ (آءِ ايم ايف) جي حوالي ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا *** 25

۾ منعقد ڪئي وئي. جنهن ۾ ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب ۽ ڊي سي سائوٿ ڪراچي ڪيپٽن (ر) الطاف ساريو تقريب ۾ مهمان خاص جي حيثيت سان شرڪت ڪئي. افتتاحي تقريب ۾ ميئر ڪراچي ۽ ڊي سي سائوٿ ٻارن کي پوليو جا ڦڙا پياريا ۽ پوليو خلاف وڙهڻ جي گڏيل عزم کي اجاگر ڪيو. جنهن ۾ ڊي ايڇ او ڊاڪٽر راجڪمار، ڊي ڊي پي او ڊاڪٽر خالد خرم، ٽائون ڪميونيڪيشن آفيسر عبدالحفيظ، ٽي ايف عائشه نور، يو سي آفيسر نعمان پالاري، يو سي سي ايم او نجمه بلوچ، نسيم ۽ يو سي ايس پي شرڪت ڪئي. ميئر ڪراچي ۽ ڊي سي سائوٿ جي اڳواڻي ۾ هي گڏيل ڪوشش اسان جي ڪميونٽي جي صحت ۽ مستقبل جي حفاظت لاءِ هڪ اهم قدم ثابت ٿيندو تقريب ۾ ايم ايس لياري جنرل اسپتال، يو سي چيئرمين ۽ وائيس چيئرمين پڻ شرڪت ڪئي.

بقايا *** 26

بارڊر تي ڪسٽم انفورسمينٽ اختيارين پرڏيهي ڪرنسي جي سمگلنگ ناڪام بڻائي ڇڏي. ڊيپارچر هال ۾ ڪسٽم انفورسمينٽ اسٽاف افغانستان ويندڙ مسافر وٽان تلاشي دوران 10 هزار ڊالر برآمد ڪري خيبر ضلعي واسي جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو.

بقايا *** 27

ڪرپشن ۽ ڪميشن سسٽم سنڌ جي هر شهر کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي. گورک هل سميت سنڌ جي ترقي ۽ عوام جي خوشحالي ديانتدار قيادت سان جڙيل آهي. سنڌ جو عوام 08 فيبروري تي اهل ۽ باڪردار قيادت جي چونڊ ڪري سڄاڳي جو ثبوت ڏي. اهڙن خيالن جو اظهار هن سرشاهنواز لائبرري لاڙڪاڻي ۾ شعبه اطفال پاران انعامن ورهائڻ واري تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو ان موقعي تي ضلعي امير قاري ابوزبير جکرو ۽ مقامي امير رميز راجا شيخ پڻ خطاب ڪيو محمد حسين محنتي وڌيڪ چيو ته ملڪ ۾ ساليانو پنج هزار جي ڪرپشن جي ذميوار ٽئي وڏيون پارٽيون آهن. پي ڊي ايم 16 مهينن جي حڪومت ۾ سڀئي جماعتون گڏ هيون هاڻي چونڊ ويجهو اچڻ شرط هڪٻئي خلاف بيان بازي عوام کي بيوقوف بڻائڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ڪونه آهي. هڪٻئي جي سهولتڪار انهن جماعتن جا مفاد هڪ ۽ انهن کي ملڪي ترقي ٽوڙي قوم جي مسئلن کي حل ڪرڻ جي ڪابه پرواهه ڪونه آهي.

بقايا *** 28

چانڊيو وضاحتي بيان جاري ڪري ڇڏيو آهي. جاري ڪيل بيان ۾ هن چيو ته اسلاميه ماڊرن هاءِ اسڪول ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن حسين آباد جو حصو آهي. ميونسپل اسڪول کي بهتر بڻائڻ لاءِ ڪوشش ڪري رهيا آهيون. ٽائون حسين آباد نئون آهي. آفيسن جي کوٽ آهي. اسڪول ۾ ڪجهه ڪمرا بند پيل هئا. جيڪي ڪولرائي ڪجهه سيڪشن اتي شفٽ ڪيا آهن عمير مولا بخش چانڊيو چيو ته ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن حسين آباد جو مک دفتر لطيف آباد چار نمبر ۾ ٺاهيو آهي. جتي چار کان ڇهن ڪمرن تي ملازمن جو قبضو آهي. جنهن کي خالي ڪرائڻ لاءِ ڪوششون وٺي رهيا آهيون. جيئن قبضا ختم ٿيندا. تيئن ئي اسڪول جا ڪمرا خالي ڪيا ويندا. عمير مولا بخش چانڊيو وضاحتي بيان ۾ وڌيڪ چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي هميشه تعليم جي بهتري لاءِ ڪوشش ڪئي آهي. تعليم جي ميدان ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جو ڪو به ثاني نه ٿو ملي. ڪوشش ڪري رهيا آهيون ته حسين آباد ٽائون جي اسڪولن کي بهتر بڻائي سگهون.

بقايا *** 29

۾ پوليس چيڪ پوسٽ جو انچارج لڪمير اڙو زخمي ٿي پيو هو اهڙو ڪيس ڪشمور پوليس پاران داخل ڪيو ويو آهي جنهن ۾ احسان مزاري سميت 7 جوابدار نامزد ڪيا ويا آهن.

بقايا *** 30

۾ پنجن سالن تائين جي ٻارن کي پوليو جا ڦڙا پيارڻ واري مهم جي شروعات ڪئي وئي. ڏکڻ ڪراچي ۾ پوليو جي خاتمي لاءِ پوليو مهم کي 100 سيڪڙو ڪامياب بڻائڻ لاءِ ڊي سي سائوٿ سميت سمورا اي سيز ۽ انتظاميا ڏينهن رات ڪم ڪري رهيا آهن. ڊي سي جي پوليو ٽيمن ۽ ورڪرن کي سموريون سهولتون فراهم ڪرڻ جي هدايت ڪئي. ڊي سي جو چوڻ هو ته گڏيل جدوجهد ذريعي ئي پوليو جو جڙ کان خاتمو آڻي سگهون ٿا. هن مهم کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ ڊي سي عوام ۽ والدين کي اپيل ڪئي ته هو پنهنجي 5 سالن تائين جي ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارڻ کي يقيني بڻائين.

بقايا *** 31

ملاقات ڪئي آهي. آءِ ايس پي آر موجب ملاقات جي دوران ٻنهي ڌرين وچ ۾ دفاع، سيڪيورٽي ۽ فوجي تربيت سميت ٻين شعبن ۾ تعاون، علائقائي صورتحال ۽ وچ اوڀر ۾ ٽڪرار تي ڳالهيون ڪيون ويون. آءِ ايس پي آر وڌيڪ چيو آهي ته سعودي ڪمانڊر دهشتگردي جي خلاف جنگ ۾ پاڪ فوج جي ڪردار جي تعريف ڪئي ۽ خطي ۾ امن قائم ڪرڻ لاءِ ڏنل قربانين تي خراج تحسين پيش ڪيو. آرمي چيف سعودي ڪمانڊر جو ٿورو ادا ڪيو ويو. آرمي چيف چيو ته پاڪستان سعودي عرب سان پنهنجي اسٽريٽجڪ ۽ ڀائرن وارن لاڳاپن کي وڏي اهميت ڏئي ٿو. جي ايڇ ڪيو پهچڻ تي سعودي ڪمانڊر کي گارڊ آف آنر پڻ پيش ڪيو ويو.

بقايا *** 32

ڇڏي آهي. نگران گهرو وزير سرفراز احمد بگٽي آپگهاتي حملي ۾ ٻن شهرين جي شهادت تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو هن چيو ته شهيدن جي گهر ڀاتين سان ڏک جي هن گهڙي ۾ برابر جا شريڪ آهيون. زخمي سيڪيورٽي اهلڪارن ۽ شهرين جي جلد صحتيابي جي لاءِ دعاگو آهيون. سرفراز احمد بگٽي چيو ته زخمين کي بهترين طبي سهولتون ڏنيون وينديون. سيڪيورٽي فورسز دهشتگردي جي مڪمل خاتمي لاءِ پرعزم آهي. سيڪيورٽي فورسز ۽ شهرين تي حملو ڪندڙ دهشتگرد ڪنهن به رعايت جا مستحق نه آهن.

بقايا *** 33

وڌيڪ لاٿ رڪارڊ ڪئي وئي آهي. روسي تيل جي في بيرل قيمت 60 ڊالرن کان به هيٺ اچي وئي آهي. يورپي يونين طرفان روسي تيل جي 60 ڊالر في بيرل جي حد مقرر ڪئي وئي آهي پر مارڪيٽ ۾ روسي تيل جي قيمت مقرر حد کان به هيٺ هلي وئي آهي. هوڏانهن عالمي مارڪيٽ ۾ برطانوي برينٽ جا سودا هڪ سيڪڙو گهٽتائي سان 80.58 ڊالر في بيرل. جڏهن ته آمريڪي ويسٽ ٽيڪساس انٽرميڊيٽ جا سودا به سيڪڙو گهٽتائي سان 75.54 ڊالر في بيرل تي ٿيا. عالمي مارڪيٽ ۾ ڪچي تيل جي اگهن ۾ گهٽتائي کي ڏسندي پاڪستان ۾ به پيٽروليم شين جي اگهن ۾ وڏي لاٿ جو امڪان ظاهر ڪيو پيو وڃي. ايندڙ 15 ڏينهن لاءِ پيٽروليم شين جي اگهن جو حتمي اعلان وزيراعظم جي منظوري سان ڪيو ويندو. واضح رهي ته حڪومت 16 نومبر کان به پيٽروليم شين جي اگهن ۾ گهٽتائي ڪئي هئي.

بقايا سنڌيار 01

لاڙڪاڻو، دادو، ڪوٽڙي، ڪراچي ريلوي ٽريڪ تي 25 ڊسمبر 2023 تي بولان ميل مسافر ريل گاڏي هلائي ويندي ريلوي اختيارين جي ذريعن مان معلوم ٿيو آهي سيتا سرجهار فورم پاران ايم ايل 2 تي ٽرين جي بحالي لاءِ 10 مهينن کان هلندڙ ڏکي جدوجهد جي نتيجي ۾ 20 جولاءِ تي موئن جو دڙو ايڪسپريس جي بحالي ڪانپوءِ نگران ريلوي وزير 25 ڊسمبر 2023 تي بولان ميل به بحال ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي. جدوجهد جي باني مشهور ميمڻ جي اڳواڻي ۾ 308هين ڏينهن به سيٽارو ريلوي ڦاٽڪ وٽ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ پروفيسر غلام مصطفي سمون، غلام حسين ملڪ، غلام سرور لاڪو، احسان علي سومرو، شهزاد علي ميمڻ، سرتاج سومرو، ذوالفقار علي جانوري ۽ ٻيا شريڪ ٿيا. ان موقعي تي جدوجهد جي سرواڻ مشهور ميمڻ چيو ته ايم ايل 2 تي 20 جولاءِ 2023 تي موئن جو دڙو ايڪسپريس روهڙي کان ڪوٽڙي تائين بحال ٿي چڪي آهي ۽ هاڻي 25 ڊسمبر تي هڪ وڌيڪ ٽرين بولان ميل به بحال ٿيندي مشهور ميمڻ وڌيڪ چيو ته بولان ميل هلڻ بعد به باقي مسافر ريل گاڏين جي بحالي تائين جدوجهد جاري رهندي.

بقايا سنڌيار 02

ڪراچي چيمپيئن شپ منعقد ڪرائي وئي. جنهن ۾ شڪارپور، سکر، خيرپور، لاڙڪاڻو ۽ جيڪب آباد جي رانديگرن حصو ورتو. انٽر ڊويزنل ٽورنامينٽ ۾ نوجوان رانديگرن شاندار مقابلا ڪري پنهنجي صلاحيتن جو زبردست مظاهرو ڪيو. چيمپيئن شپ جي فائيٽ مقابلن ۾ لائيٽ ويٽ ۾ پهرين پوزيشن جيڪب آباد جي عامر علي ڪوسو، ٻئين پوزيشن جيڪب آباد جي مزمل علي دايو، ٽئين پوزيشن سکر جي محمد رمضان حاصل ڪئي. مڊل ويٽ ۾ پهرين پوزيشن سجاد علي شڪارپور، ٻئين پوزيشن اظهر علي جيڪب آباد. ٽئين پوزيشن صدام علي شڪارپور حاصل ڪئي. هيوي ويٽ ۾ پهرين پوزيشن عبدالواسع جيڪب آباد. ٻئين پوزيشن آصف علي مهر شڪارپور ۽ ٽئين پوزيشن فرحان علي شڪارپور حاصل ڪئي، بريڪنگ مقابلن ۾ پهرين پوزيشن ڪريم بخش پٽو شڪارپور ۽ ٻئين پوزيشن غلام نبي شڪارپور حاصل ڪئي. ڪاتا مقابلن مقابلن ۾ پهرين پوزيشن لاڙڪاڻي جي رانديگر حاصل ڪئي. مقابلن ۾ ڪاميابي حاصل ڪندڙ رانديگرن کي آيل معزز مهمانن ظفر علي شيخ، دلبر خان مهر، بلاول خان مهر، سيد نجيب شاهه، صهيب سرور سومرو، آپا نگهت منگي، وسيم صديقي، مختيار احمد شيخ، لالا خالد هڪڙو، سيد محمد شاهه، ڊاڪٽر جهانگير شيخ، اي ڪي لاشاري، وڏيرو تاج پرڙو، ڊاڪٽر حفيظ بروهي، طاهر ناپر، لالا خالد هڪڙو، عبدالسميع بلالي، محمد افضل جعفري ۽ ٻين انعامات ڏنا. ان موقعي تي آيل مهمانن کي سنڌ جي ثقافت اجرڪن جا تحفا پيش ڪيا ويا ۽ راندين سان وابسته شخصيتن کي شيلڊون ڏنيون ويون.

بقايا سنڌيار 03

ٻارڙن قومي گيتن تي ٽيبلوز ۽ شاعرن نڪور شاعري ٻڌائي محفل مندي ڇڏي، سنڌ هميشه امن، پائيچاري ۽ رواداري جو درس ڏنو آهي اڳواڻن جو خطاب تفصيل موجب ملير جي شاهه ٽائون واري علائقي ۾ سنڌي ادبي سنگت شاخ گلشن حديد پاران نجي اسڪول اي ايچ اڪيڊمي جي سهڪار سان ثقافتي مشاعري جي رنگا رنگ تقريب منعقد ڪئي وئي. تقريب ۾ اسڪول جي ٻارڙن، استادن، شاعرن، سگهڙن، سياسي سماجي اڳواڻن سميت سوين ماڻهن شرڪت ڪئي. پروگرام ۾ ٻارڙن تقريرن جا مقابلاءِ قومي گيتن تي ٽيبلوز پيش ڪيا. جڏهن ته شاعرن اصغر باغي، غلام مصطفي عقاب، قلندر بخش ملاح، جمشيد زهرائي، شبير لاڪو ،اصغر عادل قريشي ، عنايت قريشي، سفير جتوئي، ذوالفقار ڪوسو ،جمشيد ڪوسو، سگهڙ فقير علي نواز لنجوائي ۽ ٻين پنهنجي نڪور شاعري ٻڌائي محفل مندي ڇڏي، تقريب کي اي ايچ اڪيڊمي جي پرنسپل عرفان عباسي، ڊاڪٽر غفور ميمڻ ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته سنڌ هميشه امن، پائيچاري ۽ رواداري جو درس ڏنو آهي، سنڌي ادبي سنگت جي ڪوشش رهي آهي ته گاهي گاهي اهڙا خوبصورت پروگرام منعقد ڪجن ته جئين اسان جي ثقافت ۽ ٻولي کي هٿي ملي سگهي، سنڌ لطيف جي ڌرتي ۽ محبتن جو محور رهي آهي سنڌ جي اديبن، ليکڪن، شاعرن پنهنجي ڌرتي سميت سموري دنيا جي لاءِ امن ۽ محبتن جو پيغام ڏنو آهي، دعائون پڻ گهريون آهن. جنهن جي ثابتي لاکيڻي لطيف جي بيت دوست منا دلدار عالم سب آباد ڪرين مان ملي ٿي.

بقايا سنڌيار 04

2400 ليٽر ديسي شراب برآمد ڪري ورتو جڏهن ته جوابدار وسيم ڪوسو فرار ٿي ويو ۽ پوليس خالد ڪوسو کي گرفتار ڪري ورتو هڪ ٻي ڪاروائي ۾ پوليس سامارو روڊ تي جوابدار ارسلان ڪنيار کي 70 پڙيون سفينا گٽڪو سميت گرفتار ڪري ورتو آهي رابطو ڪرڻ تي ايس ايچ او جهڏو مقصود چنا ٻڌايو ته گرفتار ٿيل جوابدارن مٿان جهڏو ٿاڻي تي 2 ڪيس داخل ڪيا ويا آهن اسان جهڏو سبزي منڊي وٽ شراب جي ڀلي تي ڇاپو هنيو جتي وڏي مقدار ۾ شراب جا ڊرم زمين اندر پوريل هئا جنن کي ڪڍڻ لاءِ ايڪسويٽر مشين گهرائي ڊرم ٻاهر ڪڍيا آهن هن چيو ته ايس ايس پي ميرپورخاص جون سخت هدايتون آهن جهڏو شهر کي منشيات کان پاڪ ڪرڻو آهي شهر اندر ڪنهن به قسم جي منشيات هلڻ نه ڏينداسين منشيات متعلق شهري اسان کي ڄاڻ ڏين پوليس بروقت ڪارروائي ڪندي منشيات فروش ڪيترا به بااثر چو هجن انهن کي ڪنهن به صورت ۾ بخش نه ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 05

ناهي وزير اعلا سنڌ گورنر سنڌ ڪمشنر ميرپور خاص ڊي سي ايس ايس پي ميرپور خاص چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ سيشن جج ميرپور خاص کي عوام جي اپيل ته قانوني ڪاروائي ڪري پاڻ مهيا ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 06

مظاهرو ڪري ڌرڻو هڻي ڏگهڙي ٽنڊو غلام علي مين روڊ تي ٽائر ساڙي مين روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو جنهن سبب روڊ جي ٻنهي طرفن کان درجنين مسافر گاڏين جون قطارون بيهجي ويون انهي موقعي ميڊيا سامهون دانهيندي اڳواڻ عبداللطيف جتوئي ٻڌايو ته 4 ڏينهن اڳ ٽنڊو غلام علي پوليس ڳوٺ حاجي غني آرائين جي بااثر شخصيت جي چوڻ تي انور جتوئي کي ڳوٺان سرعام ڪنيي گم ڪري ڇڏيو آهي جنهن بابت پوليس ڪجهه به ٻڌائڻ کان انڪاري آهي جنهن ڪري اسان کي خدشو آهي پوليس ڪوڙي مقابلي ۾ ڪيس ماري نه ڇڏيو هجي، عبداللطيف جتوئي سميت احتجاج ڪندڙن آئي جي سنڌ پوليس ،ڊي آئي جي حيدر آباد ۽ ايس ايس پي بدين کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي ته پوليس پاران ڪنيي گم ڪيل انور جتوئي کي ظاهر ڪري سندس حياتي بچائي وڃي ۽ بااثر سميت ٽنڊو غلام علي پوليس خلاف ڪاروائي ڪئي وڃي انهي موقعي احتجاج ڪندڙن بااثر شخصيت ۽ پوليس خلاف اپ ڏاريندڙ نعري بازي پڻ ڪئي آخر ۾ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ميمبر وڏيرو عبدالواحد هاليپوٽو پاران اماڻيل وفد ۾ شامل معزز شخصيت محمد سليمان آريسر ۽ شهري اتحاد تنظيم دمبالو جي اڳواڻ مجاهد علي راجپوت احتجاج ڪندڙن سان ڳالهيون ڪري گرفتار کي آزاد ڪرائي ڏيڻ ۽ انصاف ڏيارڻ جي واعدي تي مظاهرين ڌرڻو ختم ڪري پرامن طور ڇڙوڇڙ ٿي ويا

بقايا سنڌيار 07

۾ IVLP_2023 فيلوشپ پروگرام تحت انٽرنيشنل وزيٽر ليڊرشپ پروگرام ۾ شرڪت لاءِ نامزد ٿيو هو جنهن آمريڪا ۾ مختلف پروگرامن ۾ شرڪت ڪانپوءِ دنيا جي ٻين اڀرندڙ ۽ موجوده اڳواڻن ۾ شامل ٿي پنهنجي سنڌ جي مسئلن کي اجاگر ڪيو وشال آنند ڪراچي پهچڻ بعد خادمين سنڌ فائونڊيشن جي آفيس ۾ فائونڊيشن جي چيئرمين ارشد عباسي سان ملاقات ڪئي ۽ ارشد عباسي ڪين سنڌ جي سوکڙي اجرڪ اوڍهيا ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي وشال آنند چيو ته وزيٽر ليڊرشپ پروگرام ۾ شرڪت ڪنهن خوشي کان گهٽ ناهي هن چيو ته آمريڪا ۾ پنهنجي ديس واسين جي لاءِ نوڪرين جا موقعا تلاش ڪيا ۽ دنيا جي ملڪن آڏو پنهنجو موقف رکيو ته اسين هزارين سال سنڌ جي تهذيب جا وارث آهيون وشال آنند چيو ته آمريڪا ۾ سنڌ پائرن سان ڳڌجائيون ڪري خادمين سنڌ فائونڊيشن جو پروگرام به ٻڌايو ويندو ته اسين سنڌ ۾ مارواڙن جي خدمت ڪيون ٿا وشال آنند چيو ته سنڌ جي ثقافت جو ڏهاڙو هو خادمين سنڌ فائونڊيشن جي ورڪرن سان گڏ ملهائيندا

بقايا سنڌيار 08

پوري دنيا ۾ اڄ شگر کان آگاهي جو عالمي ڏينهن ملهايو پيو وڃي، اڳواڻ چيو ته ڪاڌو ڪائڻ ۽ پاڻي پي ڇڏڻ جي باوجود هر هر اُڃ يا بک لڳڻ، وات جو خشڪ رهڻ، هر هر پيشاب اچڻ، مناسب کاڌي جي باوجود وزن ۾ گهٽتائي ٿي وڃڻ، ٽڪ، ڏنڊلو پڻ يا مٺي ۾ سور رهڻ جي شڪايت جي صورت ۾ شوگر جي ٽيسٽ ڪرايو. شوگر جي ماهرن موجب رت ۾ گلوڪوس جي گهٽتائي سبب هارٽ اٽيڪ، نظر وڃڻ ۽ فالج جو اٽيڪ به ٿي سگهي ٿو. شوگر جو اثر جيڪڏهن پيرن تي ٿئي ته ان کي ڪٽڻو به پئجي سگهي ٿو ماهرن جو چوڻ آهي ته خوراڪ ۾ توازن نه هجڻ، مٺي جو وڌيڪ استعمال، جنڪ فوڊ يعني برگر پيزا ڪيڪٽ وغيرا کائڻ، سافٽ ڊرنڪس ۽ سگريٽ جو استعمال، ورزش ۽ واڪ يا رائد معمول جو حصو نه هجي ته شوگر جي مرض جو خطرو ڦرندو رهي ٿو، هر ڇهين سيڪنڊ ۾ هڪ ڄڻو مري ٿو دنيا هن وقت 220 ملين ماڻهو شگر ۾ مبتلا آهن 2030 تائين اهو انگ ٻيڻو ٿي سگهي ٿو پاڪستان ۾ هر چوٿون ماڻهو شگر جو شڪار جڏهن ته 5 ڪروڙ ماڻهو شگر ۾ مبتلا آهن ۽ پاڪستان ۾ 25 سيڪڙو ماڻهن کي خبر ئي ناهي هوندي

بقايا سنڌيار 09

۾ سنگرار ٿاڻي جي پوليس جو ڏوهارين تي شفقت وارو هٿ هجڻ سبب ٿاڻي جي حدن ۾ بدامني وڌي وئي ۽ ڌوهي وارداتون ٿيڻ به روز جو معمول بڻيل آهي. جنهن ڪري شريف شهري ۽ مالوند ماڻهو سخت پريشان آهن. پوليس جي ڳٺ جوڙ سبب گذريل ڪجهه عرصي کان سنگرار ٿاڻي جي حدن ۾ چورن جي ڀيڳهي مچل آهي. ذريعن موجب نه متاثر شهرين ۽ پاڳين کي هيسائڻ ۽ خاموش ڪرائڻ لاءِ ٿاڻي تي مقرر راشي اي ايس آءِ مريد سهتو جي آشيرواد هيٺ مختلف وقتن تي بااثر چور ٿاڻي تي ڪوڙين اين سي رپورٽون داخل ڪرائي پاڳين کي بليڪ ميل به ڪندا رهن ٿا. ٻئي طرف سکر جي صحافي نياز حسين ابو پوٽو جي سنگرار واري گهر مان 2 مهينا اڳ چوري ٿيل سولر پليٽن ۾ سنگرار پوليس شڪ جي بنيادن تي ڪيترن ئي چورن کي هڏ چوڙ ڪري پن لکن کان وڌيڪ رشوت جا ڏوڪڙ ڪمائي ورتا آهن پر اڃان تائين صحافي کي چوري ٿيل سولر پليٽون واپس ڪرائي ناهن ڏنيون. سنگرار جي شهرين ۽ سجاڻ ڌرين جي اڳواڻن ڊي آئي جي سکر ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ڪئي آهي ته نوٽيس وٺي سنگرار ٿاڻي تي مقرر ڪرپٽ پوليس عملدارن خلاف قانوني ڪاروائي ڪري شهرين کي امن امان سميت تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 10

